

خبرنامو

# سنڌي ٻولي

جنوري-اپريل 2023ع

حيدرآباد

عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس

*International Sindhi language Conference*

*20-21 February 2023*



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

**SINDHI LANGUAGE AUTHORITY HYDERABAD**

## سنڌي ٻوليءَ لسانيات تي تحقيق ڪندڙ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگردن لاءِ

# اسڪالرشپ جو اعلان

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران يونيورسٽي سطح تي سنڌي ٻولي ۽ لسانيات تي تحقيق کي هٿي وٺائڻ لاءِ مالي سهائتا جو فيصلو ڪيو ويو آهي، تہ جيئن ايم.فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ۾ داخلا وٺندڙ شاگرد وڌ ۾ وڌ سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي موضوعن تي تحقيق ڏانهن مائل ٿين.

هن وقت جيڪي شاگرد ايم. فل ۽ پي. ايڇ. ڊي ۾ داخل آهن ۽ انهن جا تحقيقي موضوع سنڌي ٻولي ۽ لسانيات آهن، اُهي پنهنجو تحقيقي خاڪو، (Outline) موضوع جي انفراديت يا نواڻ، ڪم جو تفصيل ۽ داخلا جو سال لکي اداري جي سيڪريٽري ڏانهن موڪلي سگهن ٿا. پڇتل درخواستون ڪاميٽيءَ آڏو پيش ڪيون وينديون.



جيڪي شاگرد ايم. اي جي مونوگراف ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن نئين/اڻ ڇهيل موضوع تي تحقيق ڪندا تہ انهن جي سهائتا پڻ ڪئي ويندي.

## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

Email: contact@sindhila.edu.pk






## آن لائن سنڌي لئنگئيج لائبريري

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، ڦهلاءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ڪندڙ عالمن ۽ محققن جي علمي مدد لاءِ "آن لائن سنڌي ٻولي لائبريري" جوڙي وئي آهي. هيءَ لائبريري سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل ۽ ٿيندڙ تحقيق تي ٻڌل آن لائن پورٽل ٽيڪسٽ، آواز ۽ وڊيو جي مواد تي مشتمل آهي، جنهن جو بنيادي مقصد سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل هر قسم جي علمي مواد کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ آهي. هن پورٽل جو هڪ مقصد اهو بہ آهي تہ دنيا جي جديد رجحان يعني ويب تي هڪ علمي ۽ تحقيقي پليٽ فارم جوڙيو وڃي، جنهن سان سنڌ سميت سموريءَ دنيا ۾ رهندڙ اديبن، تعليمي ماهرن ۽ محققن جي سنڌي ٻوليءَ بابت لکيل مواد ۽ علمي دستاويزن تائين پهچ کي آسان بڻايو وڃي. هن ويب لائبريريءَ جو اهو بہ مقصد آهي تہ ويب تي موجود سنڌي ٻوليءَ جا اهم ذريعا، ٻوليءَ تي ڪيل ڪمن جي فهرست، پراڻا دستاويز ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيل ڪتابن، تحقيقي جرنلن ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڇپيل مواد کي مختلف پاڳن ۾ ورهائي، ڊجيٽلائيز ڪجي تہ جيئن لسانيات، ٻوليءَ جي تاريخ، بڻ بڻياد، وياڪرڻ، صوتيات، سماجي لسانيات، لغتن ۽ سنڌو لکت بابت مواد مان وڌ ۾ وڌ ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن.

هيءَ لائبريري ٽن ٻولين سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ تي مشتمل آهي. هن لائبريري ۾ سنڌو لکت فونٽ پڻ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو، جيڪو عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج انجنيئرنگ تحقيق ڪندڙن لاءِ IVC اسڪرپٽ (سنڌو ماٿري جي لکت) تيار ڪيل آهي.

https://www.sindhilanguagelibrary.com

خبرنامو
سنڌي ٻولي
حيدرآباد
جنوري-اپريل 2023ع
جلد 23: شمارو پهريون 2023ع
Email: contact@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

چيئرمئن:
ڊاڪٽر اسحاق سميجو
سيڪريٽري:
امين محمد لغاري
ايڊيٽر:
شوڪت چاچڙ- سليم جروار
ٻانهن ٻيلي:
نغما ابڙو
گرافڪس ڊزائينر:
فيصل ميمڻ
ڪمپوزنگ:
راز محمد لغاري
فوٽوگرافي:
شوڪت شاهاڻي

ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد

# اداريو

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو موجوده چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي سربراهيءَ ۾ پنهنجي بنيادي مقصدن جي تڪميل لاءِ نئين انداز سان سرگرم ٿيو آهي، جنهن جي ثبوت طور 'خبرنامي' جو گذريل ۽ هاڻوڪو شمارو پيش ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ سان محبت جي تحريڪ 'جاڳرتا مهم' جي مختلف سرگرمين کان وٺي ٻارن جي ادب جي قومي ڪانفرنس ۽ تازو ٻولين جي عالمي ڏينهن تي اداري پاران ڪراچيءَ ۾ منعقد ڪيل ٻن ڏينهن واري 'عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس' تائين اداري ڪيتريون ئي نيون ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ اڳڀرايون ڪيون آهن. گذريل ڪجھ ئي عرصي ۾ اداري جي ڪمن ۽ سرگرمين جي عوامي توڙي سرڪاري سطح تي پذيرائي ٿي آهي. سنڌ صوبائي اسيمبليءَ پڻ 'عالمي سنڌي ڪانفرنس' کي ساراهڻ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ لازمي تعليم ڏيڻ ۽ سنڌي سميت پاڪستان جي ٻين مڪيه ٻولين جي تاريخي اهميت بابت ٺهراءُ پاس ڪيو. جيڪو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي ڪاوشن جو پڙاڏو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي سڪيا، آن لائن سنڌي ٻوليءَ جي لائبريريءَ جي قيام کان علاوه سنڌي ٻوليءَ تي نئين تحقيق کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ايم اي، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي سطح جي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ جو اعلان پڻ هن اداري جون نيون اڳڀرايون آهن. جن مان بهتر نتيجن جي اميد ڪري سگهجي ٿي. هن وقت هي ادارو سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائزيشن لاءِ پڻ عملي ڪوششون وٺي رهيو آهي. سنڌي او.سي.آر (اکر شناس سافٽ ويئر) ۽ گهڻ موضوعاتي لغتن جي جامع ايپليڪيشن متعارف ڪرائڻ کان اڳتي وڌندي 'مصنوعي ذهانت، ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي آئيندي' جي سِري هيٺ ٻن ڏينهن جي قومي ڪانفرنس ڪوٺائي پئي وڃي، جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ نين رٿابندين ۾ مدد ملندي.

اسان جي ڪوشش آهي تہ 'سنڌي ٻولي' خبرنامو باقاعدگيءَ سان هر چوٿين مهيني پڙهندڙن تائين پهچي.

ايڊيٽر




*International Sindhi language Conference*

# ’سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ خطري هيٺ آيل اصلوڪيون ٻوليون‘

## عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس

### 20 ۽ 21 فيبروري 2023ع







سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران مادري ٻولين جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان، گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو جي 2022ع کان 2032ع تائين اعلانيل ’اصلوڪين ٻولين جي بين الاقوامي ڏهاڪي‘ جو حصو ٿيندي، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان، ڪراچيءَ ۾ 20 ۽ 21 فيبروري 2023ع تي، ٻن ڏينهن جي ’عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس‘ منعقد ڪئي وئي، جنهن جي هن سال جو موضوع ’سنڌي ٻولي، سنڌ لکت ۽ خطري هيٺ آيل اصلوڪيون ٻوليون‘ هو.

#### پهريون ڏينهن: 20 فيبروري 2023ع

##### افتتاحي ويهڪ:

ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب 20 فيبروري 2023ع تي، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان، ڪراچيءَ جي مُک آڊيٽوريم ۾ ٿي گذري، جنهن جو خاص مهمان سنڌ جو تعليم، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه هو جڏهن ته فرانس مان آيل پرڏيهي اسڪالر ڊاڪٽر مشل بوون، ڊاڪٽر طارق رحمان، ڊاڪٽر فهميدا حسين، سيد محمد احمد شاهه، ڊاڪٽر اسحاق سميجو ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار ڪلهوڙو افتتاحي ويهڪ ۾ شامل هئا. سنڌو لکت ۽ اصلوڪين ٻولين تي تحقيق ڪندڙ جڳ مشهور اسڪالر ’مارڪ ڪنائير‘ پڻ افتتاحي ويهڪ ۾ آن لائن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب جي ڪارروائي ڊاڪٽر رفيق وساڻ هلائي.







افتتاحي ويهڪ دوران سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي پاران معزز مهمانن کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا، جنهن کانپوءِ اداري پاران ڇپيل 7 نون ڪتابن جي پڌرائي پڻ ڪئي وئي، جنهن ۾ (1) شيخ اياز جي شاعريءَ جي سماجي لسانيات، (2) سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جو علمي اڀياس، (3) سنڌو لکت جي بابت ياڄ بابت روسي ماهرن جا مقالا، (4) سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا، (5) شيخ اياز جي شاعريءَ جي لغت، (6) ڍاٽڪي سنڌي لغت جلد I ۽ جلد II (7) تحقيقي جرنل









'سنڌي ٻولي' شامل هئا. افتتاحي ويهڪ کي خطاب ڪندي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته: "سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ سمورن شريڪ ڌُرين (اسٽيڪ هولڊرن) کي گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. استادن جي تربيت لاءِ سنڌ جو تعليم کاتو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو گڏيل حڪمت عملي جوڙي، جنهن تحت استادن کي سنڌي پڙهائڻ جي سکيا ڏني ويندي." هن چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو واحد ادارو آهي، جنهن جي ذميواري ٻوليءَ جي ترقي ۽ تحفظ ڪرڻ آهي، پر ان ڏس ۾ اجا به وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي." صوبائي وزير چيو ته "1972ع جي ايڪٽ هيٺ سنڌي ٻوليءَ جو نفاذ عمل ۾ آندو ويو. ڪجهه ڏهاڪن بعد خانگي اسڪول نهيا، جنهن هيٺ ڪالونيل طبقاتي ذهنيت، مادري ٻولين کي نظر انداز ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. جڏهن ته آئين ۾ ٻار جي مفت بنيادي تعليم جي ڳالهه ڪيل آهي، ان لحاظ کان نجي اسڪولن جي ڪا گنجائش نه آهي، ڇاڪاڻ ته آئين چوي ٿو ته ٻار کي بنيادي تعليم مفت ۾ ڏيڻ

رياست جي ذميواري

آهي." سيد سردار شاهه چيو ته "سنڌو لکت کي پڙهڻ لاءِ عالمي معيار پٽاندڙ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. صوبائي حڪومت يونيسڪو سان سڌيءَ ريت ڳالهه نه ٿي ڪري سگهي. ان لاءِ وفاقي حڪومت کي سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب ۽ سنڌو لکت کي پڙهڻ لاءِ عالمي معيار موجب ڪم ڪرڻ گهرجي."

سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي چيئرمئن پروفيسر ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ڪانفرنس جي ميزبان جي حيثيت ۾ خطاب ڪندي چيو ته "دنيا ۾ ڳالهائجندڙ ٻولين مان لڳ ڀڳ ٽي هزار ٻوليون ايندڙ سؤ سالن ۾ ختم ٿي وينديون، جن ۾ 25 ٻولين جو تعلق پاڪستان سان آهي. عوام ۽ ماڻهن ئي پنهنجي ٻولين کي بچائي رکيو آهي، رياست وٽ ٻولين بابت ڪا پاليسي نه آهي." هن چيو ته: "اڄ جي دؤر ۾ ٻوليءَ کي جيڪي خطرا آهن، انهن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي ترتيب ڏيڻي پوندي، اسڪولن مان سنڌي ٻوليءَ کي تڙيو پيو وڃي، ڊاڪٽر اسحاق چيو ته "سنڌو لکت جي ڀاڃ تمام ضروري آهي، ان لاءِ ڪهڙا اپاءَ وٺڻ گهرجن. ان حوالي سان هي گهڻ موضوعاتي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي آهي ته جيئن ڪانفرنس ۾ ملندڙ تجويزن جي آڌار تي ڪا حڪمت عملي جوڙي سگهجي." ڊاڪٽر اسحاق سميجي وڌيڪ چيو ته "سنڌو تهذيب جو وڏو حصو پاڪستان ۾ آهي، ان لاءِ سنڌو لکت جي ڀاڃ لاءِ پاڪستان جي وفاقي حڪومت کي جوڳا ۽ ضروري اپاءَ وٺڻ گهرجن. ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي تحفظ، واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ سمورين ڌرين کي پنهنجو ڪردار ڀرپور نموني ادا ڪرڻو پوندو، ڇو ته جهڙي ريت ٻوليون مري رهيون آهن، ان لاءِ هر فرد جو ڪردار اهم آهي.

ڪانفرنس جي سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالرزاق چني پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته "پاڪستان گهڻ قومي ۽ ثقافتي ملڪ آهي، جتي مختلف ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ اُتي مادري ٻولين کي مختلف مسئلا درپيش آهن. هن ڪانفرنس جو مقصد ئي اهو آهي ته انهن درپيش مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي؟" هن چيو ته "ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به قوم جو تشخص توڙي سڃاڻپ نه رهي سگهندي آهي، هتي شريڪ ماهر توڙي آن لائن موجود اسڪالر، جن جو تعلق








آمريڪا، فرانس، انڊيا ۽ برطانيہ سان آهي، اهي اصلوڪين ٻولين ۽ انهن کي خطرن بابت روشني وجهندا ۽ ڪانفرنس ۾ ملندڙ تجويزن ۽ راين تحت اڳتي ڪم ڪرڻ لاءِ هٿي ملندي.“

نامور اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر طارق رحمان چيو تہ، ”ٻولي سجاڳپ سان جُڙيل آهي، جيڪو اوهان جي ٻولي نٿو سمجهي ان لاءِ اوهان جو نسل اوپرو ۽ اجنبي آهي. ٻوليءَ جو تعلق طاقت ۽ سياست سان آهي، جيڪا سياست ۽ اقتدار جي ٻولي آهي، اها ئي طاقتور آهي. ڇو تہ اها ئي ٻولي عدالتي نظام ۽ فوج سميت حڪومتي ڪاروهنوار هلائڻ ۾ استعمال ٿيندي آهي.“ هن چيو تہ ”1947ع جي ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي وڏن شهرن ۾ سنڌي هندن جي اڪثريت هئي، ورهاڱي وقت هندو هليا ويا ۽ جيڪي آيا سي سمجهڻ لڳا تہ هي شهر مسلمانن ۽ اردو ڳالهائيندڙن جا آهن.“ هن چيو تہ ”سنڌي گهڻو اڳ ٻہ لکي ويندي هئي، پر موجوده معياري صورتخطي انگريزن ترتيب ڏني، انگريزن ئي سنڌ ۾ سنڌيءَ کي استعمال ڪيو.“

ڊاڪٽر فهميدا حسين ’سنڌو لکت جي پاچ لاءِ تجويزون‘ جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو تہ، ”سنڌو لکت جون مهرون هن خطي يعني سنڌ مان مليون آهن، ان مان يقين ٿئي ٿو تہ موهن جي دڙي جي ٻولي، اڄ جي ٻوليءَ جي ناني ڏاڏي هوندي، بيشڪ صديون ۽ زمانا گذرڻ کان پوءِ شڪل بدلي هوندي، پر سنڌي هن خطي جي ٻولي رهي آهي. هن چيو تہ عالمن ۽ لسانيات جي ماهرن کي تحقيق جي بنياد تي يقين آهي تہ سنڌي نہ سنسڪرت مان نڪتل آهي ۽ نہ ئي اها ڪنهن دراوڙي خاندان جي ٻولي آهي، پر اها سنڌو نديءَ تي آباد تهذيب ۾ ڳالهائي ويندڙ اڪثر ٻولين جي قديمي ماءُ ٻولي آهي، جيڪا هن قديم تهذيب جي ’لائيف لائن‘ آهي.“

فرانس مان آيل جڳ مشهور اسڪالر ڊاڪٽر مشل بوون چيو تہ ”حڪمران ۽ طاقتور ئي ڪنهن ٻوليءَ کي مڙهڻ لاءِ ٻين لهجن ۽ ننڍين ٻولين کي ختم ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندا آهن، جيئن فرانس ۾ فرينچ ٻوليءَ کي مڙهڻ لاءِ ٻين ڪيترن ئي لهجن کي ختم ڪيو ويو.“ هن چيو تہ ”1870ع تائين سنڌيءَ جي خداوادي رسم الخط ۾ مسلمانن لاءِ ڪتاب ڇاپيا ويا، پر اهي استعمال نہ ٿيا، پوءِ انگريز سرڪار موجوده رسم الخط تي ڪم ڪيو پر ورهاڱي کان پوءِ هجرت ڪري ايندڙ نئين آباديءَ سبب هتيان جي ٻولين جي اهميت گهٽجي وئي. ائين دنيا ۾ هر جاءِ تي نئين آباديءَ سبب مقامي ثقافتن ۽ ٻولين کي خطرو رهي ٿو.“

دنيا جي قديم آثارن ۽ ٻولين تي تحقيق ڪندڙ آمريڪي اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر مارڪ ڪنائير پنهنجي آن لائن خطاب ۾ چيو تہ ”سنڌي، ديسي ٻولي آهي، جيڪا هن ئي ڌرتيءَ جي ٻولي آهي، انهيءَ جو ميسو پوٽيميا يا ٻيءَ ڪنهن تهذيب سان ڪو واسطو نہ آهي.“ هن چيو تہ اهو چوڻ غلط آهي تہ سنڌو لکت ٻولي نہ آهي، پر اها ٻولي طور ثابت ٿي پاڻ مڃائي چُڪي آهي. وقت سان گڏ ان ۾ نيون نشانيون ۽ نوان اکر ظاهر ٿيا آهن، پر ان جي پاچ نہ ٿيڻ جو سبب انهي لکت ۾ ٻين ٻولين وارو مواد نہ هئڻ آهي.“ هن وڌيڪ چيو تہ، ”جڏهن سنڌ جي مقامي حڪمرانن جي حڪمراني ختم ٿي ۽ نوان حڪمران آيا تہ انهن پراڻي ٻوليءَ کي اهميت نہ ڏني ۽ انهيءَ کي استعمال نہ ڪيو جنهن ڪري هيءَ لکت 1900 قبل مسيح کان پوءِ لکت ۾ نہ رهي.“

نامياري اينٽراپالاجسٽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي ڪلهوڙي پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو تہ، ”سنڌو ماٿريءَ جي سڀ کان قديم رسم الخط سنڌو لکت آهي ۽ اها ئي لکت سنڌو ماٿريءَ جي لاڳاپيل علائقن جي تاريخ ۽ لاڳاپن بابت ڄاڻ جو مستند ذريعو آهي، پر اڃا تائين ان جو اڀياس نہ ٿي سگهيو آهي.“

## پهرين ويهڪ

**موضوع: ٻولي ۽ سجاڳپ**
**ميزبان: ڊاڪٽر شير مهراڻي**

ڪانفرنس جي پهرين ويهڪ جو موضوع ’ٻولي ۽ سجاڳپ“ هو. هن ويهڪ جو ميزبان ڊاڪٽر شير مهراڻي هو جڏهن تہ مختلف اسڪالرن پنهنجا مقالا پيش ڪيا.

نوجوان محقق بختيار شهزاد ’سنڌي ٻوليءَ ۾ صوتياتي تبديلي ۽ ٻوليائي سجاڳپ‘ جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو تہ، ”ورهاڱي کان پوءِ


پروفيسر اعجاز قريشي


مدد علي سنڌي


ڊاڪٽر محمد علي دينا خيل


ڊاڪٽر منظور ويسريو


شهزاد بختيار

هندستان ۾ پاڪستان اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏي تبديلي آئي. هندستان ۾ هندي، سنڌيءَ جي لغت ۾ صوتيات کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. جڏهن ته پاڪستان ۾ ان تي اردوءَ جو وڌو اثر پيو."

علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي استاد ڊاڪٽر محمد ساجد خان **'سنڌ جي سياست ۾ قومپرستي ۽ ٻوليائي سڃاڻپ'** جي موضوع تي مقالو پيش ڪندي چيو ته، "سنڌ، قديم سنڌو ماتريءَ جي تهذيب جو هڪ شاهوڪار ثقافتي ورثو آهي. سنڌي ٻولي به پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت ۾ جڙيل آهي. سنڌ جي قومپرست ڌرين سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻپ کي هن خطي جو اهم اثاثو قرار ڏنو آهي." چيبن مان ڊاڪٽوريٽ ڪندڙ محقق ڊاڪٽر محمد قاسم سوڍر **'پاڪستان ۾ بنگالي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تحريڪن جو تقابلي مطالعو'** جي موضوع تي مقالو پيش ڪندي چيو ته، "قومي سياست جو پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ وڏو لاڙو رهيو آهي. ٻولي ۽ ثقافت جي ڪري ماڻهو سياسي طور متحرڪ ٿي اجتماعي جدوجهد ڪندا آهن." هن چيو ته " تاريخ ۾ سدائين قومن جي حقن کي نظر انداز ڪرڻ جي ڪري سنگين نتيجا ڏسڻ ۾ آيا آهن. بنگال جي الڳ ٿيڻ جو سبب سندن ثقافت، ٻولي ۽ خودمختياريءَ کي نظر انداز ڪرڻ هو." نامور سماج سڌارڪ اعجاز قريشي 'سنڌي ٻولي: ورهاڱي کان پوءِ جو دور' جي موضوع تي مقالو پيش ڪندي چيو ته، "ورهاڱي کان پوءِ ترت ئي 1300 سؤ سنڌي ميڊيم اسڪول بند ڪيا ويا. جنهن جو نوٽيفڪيشن لياقت علي خان ڪڍيو ڪراچيءَ مان پڙهيل لکيل سنڌين کي ڪڍيو ويو. ان کان پوءِ شريف ڪميشن جُڙي. جنهن رايو ڏنو ته سنڌي مضمون کي تعليمي ادارن مان ڪڍيو وڃي. پر سنڌي عالمن ۽ اڳواڻن احتجاج ڪيو جنهن سبب شريف ڪميشن جو فيصلو واپس ٿيو." هن چيو ته "پاڪستان گهڻ ٻوليائي ملڪ آهي. پر هتي جي مقامي ۽ قديمي ٻولين کي اهميت نه پئي ڏني وڃي." نامور ليکڪ مدد علي سنڌيءَ پنهنجو مقالو 'سنڌي ٻولي لاءِ هلايل تحريڪن جي تاريخ ۽ پسمنظر' پيش ڪندي چيو ته، "سنڌي ٻوليءَ جي قدامت تي جيترو ڳالهائجي، اهو گهٽ آهي. نئين تحقيق ۾ موهين جي دڙي جي تاريخ اٺ هزار ٻڌائي ٿي وڃي. اسان جي تاريخ جا پنا ساڙيا ۽ ڦاڙيا ويا آهن." هن چيو ته "ورهاڱي وقت سنڌي هندو وڃڻ لاءِ تيار نه هئا. پر 1948ع ۾ فساد ڪرايا ويا ۽ مجبورن سنڌي هندو هتان هليا ويا."

## ٻي ويهڪ

**مذاڪرو:**

**'پاڪستان جي تناظر ۾ وفاقي ملڪن ۾ رياست ۽ مادري ۽ قومي ٻولين جي صورتحال'**

**ميزبان: ڊاڪٽر ايوب شيخ**

ڪانفرنس جي پهرئين ڏينهن تي، ٻي ويهڪ طور هڪ مذاڪري جو اهتمام ڪيو ويو. جنهن جو عنوان **'پاڪستان جي تناظر ۾ وفاقي ملڪن ۾ رياست ۽ مادري قومي ٻولي جي صورتحال'** هن مذاڪري جو ميزبان ڊاڪٽر ايوب شيخ هو جڏهن ته مختلف عالمن ۽ اسڪالرن نورالهديٰ شاهه، جامي چانڊيي، ڊاڪٽر جعفر احمد ۽ پروفيسر شفقت قادري مذاڪري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو.


جامي چانڊيو


نورالهديٰ شاهه

سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد پروفيسر شفقت قادري چيو ته، "ٻولي بنيادي طور انسان جي شعور جون حدون طئي ڪري ٿي. ٻولي دنيا آهي ۽ پوري دنيا ٻوليءَ جي ڪري ئي سمجهه ۾ ايندي آهي." هن چيو ته "تصور اهو ڏنو ويو ته اردو معنيٰ اسلام پر حقيقت ۾ اهڙي ڪا ڳالهه نه آهي. اسلام ۾ عبادت جي ٻولي عربي آهي. هندو ازم جي عبادت جي ٻولي سنسڪرت آهي. جڏهن ته مارواڙي، ڍاٽڪي ۽ ڪڇي وغيره به هتي جون ٻوليون آهن. انهن جي تحفظ لاءِ به اهڙي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جيئن سنڌيءَ لاءِ ڪئي وڃي ٿي." ناميارا دانشور ڊاڪٽر جعفر احمد چيو ته، "پاڪستان ڪيئن وجود ۾ آيو اهو تاريخ جي سامهون آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ ون يونٽ مڙهيو ويو." هن چيو ته "هي راند ڪافي وقت کان هلندڙ آهي. جنهن ڪري قومن ۾ تضاد آهي. ان کي تبديل ڪرڻ لاءِ ملڪ


ڊاڪٽر جعفر احمد

جي سمورن طبقن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي." نامور دانشور جامي چانڊيي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته، "هڪ وفاقي ملڪ جو مطلب گهڻ ٻوليائي، گهڻ مذهبي ۽ گهڻ قومي ملڪ آهي. وفاقي ملڪ تاريخي قوم نه هوندي آهي. هن وقت دنيا ۾ 29 وفاقي ملڪ آهن. گهڻ ٻوليائي ۽ گهڻ قومي ملڪ کي گڏ هلائڻ جو واحد رستو اهو آهي ته سڀ قومون، وطن ۽ ثقافت سلامت هجن." هن چيو ته "هتي هڪ قوم جو تصور ڏنو ويو جيڪو حقيقت جي برعڪس آهي. هڪ قوم لاءِ ٻولي، لباس، ثقافت ۽ ذهنيت هڪ هجي" مذاڪري جي صدارت ڪندي ناليواري ليکڪ نور الهديٰ شاهه چيو ته، "مادري ٻوليءَ جي تصور کي سمجهڻو پوندو. ڪنهن جي ماءُ ڪهڙي ٻولي ڳالهائي ٿي، ڪنهن جي امڙ




عزيز ڪنگراڻي

ڪھڙي ٻولي ڳالهائي ٿي، پر مادري ٻولي اها آهي، جيڪا وطن ۽ ڌرتي ماءُ جي ٻولي آهي، اسان سڀ ٻوليءَ جي بچاءُ لاءِ ڳالهايون ٿا، مطلب اها ڌرتي سان ڳنڍيل آهي."

## ٽين ويهڪ

**موضوع: سنڌو لکت**

**ميزبان: امر فياض ٻرڙو**

پهرئين ڏينهن جي ٽين ويهڪ جو موضوع 'سنڌو لکت' هو. جنهن جو ميزبان امر فياض ٻرڙو هو ۽ ملڪ جي مختلف حصن مان آيل مختلف ماهرن پنهنجا مقالا پيش ڪيا.

'سنڌو لکت تي تحقيق: درپيش مسئلا ۽ مختلف پهلو' جي عنوان هيٺ محقق شبير ڪنيار پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته. "سراج ميمڻ موهين جي دڙي جي 11 مُهرن جي ياج ڪئي، عطا محمد ڀنڀري مختلف حوالا ڏيئي ان جي مخالفت ڪئي، جڏهن ته عطا محمد ڀنڀري سنڌو لکت تي جيڪو ڪم ڪيو. انهن مان ڪيترائي ڪتاب ترجمو ٿيل آهن." هن چيو ته "يونيورسٽيون هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ کي ترجيح ڏين ۽ لائبريرين ۾ سنڌو لکت سان لاڳاپيل مواد جا ڪارنر قائم ڪيا وڃن ته جيئن تحقيق ڪندڙن کي آساني ٿئي."

نامور اديب ۽ محقق عزيز ڪنگراڻي "پٿرن تي اُڪريل سنڌو لکت" جي موضوع تي پنهنجي مقالي ۾ چيو ته. "واهي پانڌي لڳ نئن نلي چشمن جي پرسان پٿرن تي اُڪريل لکت ملي، پوءِ مون ان تي ڪم ڪيو ۽ لڳي ائين ٿو ته سنڌو سڀيتا جا موهين جي دڙي واري دؤر ۾ شهري علائقا ٻهراڙي وارن علائقن سان سلهاڙيل هئا."

## چوٿين ويهڪ

**مشاعرو:**

**ميزبان: ناشاد رضوان**

ڪانفرنس جي پهرئين ڏينهن تي شام جو نامور شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ جي صدارت هيٺ سنڌي مشاعرو ٿيو. مشاعري جو ميزبان ناشاد رضوان هو. مشاعري ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعرن ۽ شاعرائن. ڊاڪٽر ادل سومري، رخسانه پريت، علي دوست عاجز، رڪيل مورائي، بدر شاهه، عزيز گوپانگ، رضوان گل، فواد ڪلوڙ، مشتاق گبول، امر پيرزادو علي زاهد، ساپيان ياسر سميت ٻين پنهنجي شاعري پيش ڪئي.

## ٻيون ڏينهن 21 فيبروري 2023ع

### پهرين ويهڪ

**موضوع: "سنڌي ٻولي ۽ ان جا ٻين ٻولين سان تاريخي لاڳاپا"**

ميزبان: شازيہ ڪريم

عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس 'سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ خطري هيٺ آيل اصلوڪيون ٻوليون' جي ٻئي ڏينهن جي شروعات صبح 10 وڳي، آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچيءَ جي مُکيہ آڊيٽوريم ۾ ٿي.

نيشنل يونيورسٽي آف ماڊرن لئنگئيجز (نمل) ۾ فرانسيسي زبان جي پروفيسر ۽ پاڪستاني ٻولين جي ڄاڻو پروفيسر ڊاڪٽر عامر ظهير 'سنڌي ۽ پنجابي ٻولين ۾ تاريخي لاڳاپا: شري گرو گرنٿ صاحب مان شاهديون" جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو ته "سنڌي ۽ پنجابي، واديءِ سنڌ جون قديمي ۽ پاڙيسري ٻوليون آهن، جيڪي هزارين سالن




ڪانفرنس جي مشاعري ۾ شريڪ شاعر



شبير ڪنيار

ڪان ڳالهايون وڃن ٿيون. ٻنهي ٻولين ۾ لغوي ۽ صوتياتي خصوصيتون ملندڙ آهن.“

عبدالڪريم آزاد سميجي پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته. ”تحقيق جا مختلف طريقا ۽ فيلڊ ريسرچ مان گڏ ڪيل ڊيٽا جو تجزيو ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ جيڪي به نتيجا نڪتا آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڍاٽڪيءَ جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي پراڻن لهجن ۾ ٿئي ٿو جنهن جو سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا جي اڀياس ۽ تشريح ۾ اهم ڪردار آهي.“

’ڪڇ ۾ سنڌي ۽ ڪڇيءَ جو هڪ ٻئي تي اثر‘ جي عنوان هيٺ. سنڌي ٻوليءَ جي ڀارتي محقق ڪلاڌر مٽوا پنهنجي آن لائن مقالي ۾ چيو ته. ”ڪڇ ۾ سنڌي ۽ ڪڇي ٻئي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. ڪڇ جا آديپور ۽ گانڌيڌام جهڙا شهر سنڌين جي حوالي سان سڃاتا وڃن ٿا. جڏهن ته ٻني ۽ پڇم واري علائقي ۾ سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي.“ هن چيو ته ”ورهاڱي کان پوءِ هتي جي ماڻهن جو تعلق سنڌ سان ختم ٿي ڪڇ ڏانهن وڌيو. هاڻ ٻوليءَ تي پڻ ان جو اثر پئجي رهيو آهي. ڪڇ ۾ هلندڙ اسڪول انگريزيءَ ۾ تبديل ٿي رهيا آهن. ان کان سواءِ گجراتي ۽ ڪڇيءَ جي اثر پوڻ ڪري سنڌيءَ ڪمزور ٿي رهي آهي.“

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ جي ڊائريڪٽر ۽ ٻوليءَ جي ماهر ڊاڪٽر الطاف جوکيي ”سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليءَ جي لاڳاپي جو مختصر جائزو“ جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو ته. ”عالمن جي راءِ موجب سرائڪي ۽ ڪشميري ٻولين جي گڏجڻ سان پنجابي ٻولي وجود ۾ آئي آهي. يعني سرائڪي، پنجابي ٻوليءَ کي وجود ڏيندڙ ٻولي آهي. پر جيڪڏهن سرائڪي ٻوليءَ جو پيرو کڻجي ته ان جو گس سنڌي ٻوليءَ ڏانهن وڃي ٿو.“ هن چيو ته ”ٻولين جي رابطي سبب جاگرافيائي ويجهڙائپ ٿيندي آهي. ان بنياد تي سرائڪي ۽ پنجابيءَ جي ويجهڙائپ ضرور رهي آهي. پر اُهي هڪٻئي جو حصو نه آهن.“

نامور اديب ۽ محقق ڊاڪٽر آفتاب ابڙي ’پالي ٻوليءَ جو سنڌي سان سُٻنڌ“ جي عنوان هيٺ پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته. ”محققن جي تحقيق ۽ راين مان معلوم ٿئي ٿو ته پالي ٻولي ۾ وينجن توڙي سُرن ۾ وڏو انگ سنسڪرت ٻوليءَ جو آهي. بلڪ گهڻي ڀاڱي پالي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءُ تي سنسڪرت جو وڏو اثر آهي.“ هن چيو ته ٻُڌ ڌرم 712ع تائين سنڌ تي حاوي رهيو ۽ پوءِ گهٽ ۾ گهٽ سؤ سالن تائين ٿورو يا گهڻو موجود رهيو آهي.“

ڊاڪٽر تهمينه مفتي ’ٻولين وچ ۾ ثقافتي هڪجهڙائيءَ جو اڀياس‘ جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو ته. ”صوتي سرشتو ۽ لفظي بنياد مختلف علائقائي ٻولين جي ثقافتي هڪجهڙائيءَ سان لاڳاپيل آهن. خاص ڪري بنيادي طور تي هڪ گڏيل زرعي معيشت ۽ ثقافتي تعلق جي ڪري سنڌي ۽ پنجابي ٻوليءَ جي صوتيات برابر آهي.“

## ٻي ويهڪ

**موضوع: ’اصلوڪين ٻولين جي ڊجيٽلائيزيشن‘**

**ميزبان: ڊاڪٽر فياض لطيف**

عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن جي ٻي ويهڪ جي ميزباني ڊاڪٽر فياض لطيف ڪئي. نوجوان ايم فل اسڪالر سعيد احمد سميجي ’اصلوڪين ٻولين جي ڪمپيوٽيشن/ ڊجيٽل پروسيسنگ“ جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو ته. ”گذريل چند ڏهاڪن اندر ان ڳالهه جي دلچسپي سڄي دنيا ۾ وڌندي نظر اچي رهي آهي ته ڪيئن ٻولين کي مشين جي ذريعي ڊجيٽلائيز ڪيو وڃي يا ٻين لفظن ۾ ان جي ڪمپيوٽنگ ڪئي وڃي. ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن (ڪمپيوٽنگ) ڪنهن ٻوليءَ کي ڊجيٽل طور يا ان جي نشانين کي ڊجيٽل طور تي پيش ڪرڻ جو نالو آهي.“ مالاڪنڊ خيبرپختونخوا مان آيل اسڪالر محمد ولي الله خان پنهنجي مقالي ۾ چيو ته. ”ٻوليون تهذيب ۽ ثقافت جو اهڃاڻ آهن. اهي صرف رابطي جو ذريعو نه آهن. ٻوليون جن ۾ قومي سڃاڻپ ۽ ثقافت سمايل آهي. اهي پنهنجي اهميت رکن ٿيون.“ هن چيو ته ”سوات واديءَ جو ثقافتي ورثو چڱيءَ طرح محفوظ آهي ۽ ان جو ورثو ٻولين جي حوالي کان مختلف آهي.“

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قليچ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا پنهنجي مقالي ۾




ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، ڊاڪٽر ساجد علي خان، ڊاڪٽر احسان دانش، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، امر فياض ٻرڙو ۽ ڊاڪٽر محمد ولي الله خان

چيو ته 'سنڌي ٻوليءَ جو سنڌ کان سواءِ ٻيو گهر هندستان آهي، جتي ورهاڱي وقت وڏي تعداد ۾ سنڌي آباد ٿيا. پر هاڻ سنڌي ٻولي اتي به آهستي آهستي ختم يا ڪمزور ٿي رهي آهي."

ماجد پرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي 'انسان پڄاڻان دور ۾ انساني ٻولين جو آئيندو' جي عنوان هيٺ پنهنجي مقالي ۾ چيو ته "اڄ انسان ديوتا ٿيڻ چاهيندو هوءِ هاڻ طاقتور سائبورگ ٿيڻ جي ڪوشش ۾ آهي، هر پاسي مشينون ۽ خودڪار مشيني نظام موجود آهي، مطلب گاڏي هلائيندڙ ڊرائيور کان ويندي گهر جي چوڪيدار تائين هر طرف انسان، مشين طرف وڃي رهيو آهي. ايندڙ وقت ۾ انسان مشين سان ڳالهائيندو ۽ ڪم وٺندو. اهڙي صورتحال ۾ انسان ۽ انسان جي ٻولي ڪٿي هوندي؟" هن چيو ته "هڪ جائزي موجب ايندڙ سؤ سال جي اندر 7 هزار ٻولين مان صرف 17 سؤ ٻوليون بچي سگهنديون ۽ اهي ئي ٻوليون بچنديون جن تي حڪومتن جو هٿ هوندو."

نامور محقق ۽ اسڪالر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ 'تجارتي دنيا ۾ سنڌي ٻولي' جي موضوع تي مقالو پيش ڪندي چيو ته "سنڌي ٻولي فطري ٻولي آهي، جيڪا ثقافت ۽ تاريخي ورثي مان اُڀري آهي، اڄ جنهن دور ۾ رهون ٿا، ان دور جي ٻولي فطري نه بلڪ ٽيڪنالاجيءَ جي پيداوار آهي، ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ ويندا ته سنڌي ٻولي نج ٿيندي ويندي، پر جيئن شهرن طرف ايندا سين ته ٻولي پنهنجي شڪل ۽ لهجا وڃائي رهي آهي." هن چيو ته "ڳوٺن ۾ جتي وڻ ٽڻ، کليو آسمان آهي، جتي تارا ڪتيون آهن، جتي دريا آهي، سمنڊ آهي، محبت ۽ پيار آهي، ٻولي اتي سلامت آهي، پر جيڪڏهن ڪوشش نه ڪئي سين ته موجوده تجارتي سسٽم مان ٻولي ختم ٿي ويندي چو ته هر شئي سان گڏ به مارڪيٽ ۾ ٻولي به اهميت رکي ٿي."

## ٽين ويهڪ

**موضوع: "خطري هيٺ آيل اصلوڪيون ٻوليون ۽ انهن ۾ جاڻ ۽ علم جي پهچ"**

**ميزبان: رضوان گل**

ڪانفرنس جي ٻئي ڏينهن جي ٽين ويهڪ جو موضوع "خطري هيٺ آيل اصلوڪيون ٻوليون ۽ انهن ۾ جاڻ ۽ علم جي پهچ" هو. هن ويهڪ جو ميزبان رضوان گل هو.

ويهڪ ۾ پهريون مقالو پيش ڪندي، نوجوان محقق عامر علي مغيريءَ پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته "1861ع ۾ برطانيه جي پارليامينٽ 'انڊين ايڪٽ 1861ع' پاس ڪيو. ان ايڪٽ هيٺ پهريون ڀيرو مقامي ماڻهن کي ڪائونسل جو حصو بنايو ويو. جيتوڻيڪ انهن ڪائونسلرن کي سوال ڪرڻ سميت بنيادي جمهوري اختيار به ڪونه هئا. انڊين ڪائونسل ايڪٽ 1892ع، انڊين ڪائونسل ايڪٽ 1909ع، گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1919ع ۽ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ



1935ع تحت وجود ۾ آيل ڪائونسلن ۽ اسيمبلين جي اختيارن ۾ اضافو ٿيندو ويو." هن چيو ته "انگريزن جي ان پاليسيءَ جو فائدو وٺندي سنڌي به مقامي ۽ مرڪزي سياست ۾ ڀرپور حصو ۽ دلچسپي وٺڻ لڳا ۽ قانون ساز اسيمبلين ۾ سنڌ سان تعلق رکندڙ ميمبرن بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل (1921-1936ع) انڊين ليجسليٽو ڪائونسل (1854-1921ع) ۽ انڊين ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ حصو ورتو. ڪيترائي ميمبر بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌيءَ ۾ تقريرون به ڪندا هئا."

اديب ۽ تعليمي ماهر ادريس جتوئي 'تعليمي پاليسين ۾ مادري ٻولي جي اهميت' جي عنوان هيٺ پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته "پاڪستان جي تعليمي تاريخ ۽ تعليم ۾ ٻولين جي استعمال بابت ذڪر ٿيندو رهيو آهي، 1947ع ۾ ٿيندڙ ٻولين جي پهرين تعليمي ڪانفرنس کان وٺي 2020ع جي 'هڪ نصاب' اچڻ تائين، تعليم ۾ ٻولين جو مسئلو بحث جو اهم موضوع رهيو آهي." هن چيو ته "تعليمي پاليسين ۾، تعليم جي ذريعي طور يا مضمون جي حيثيت ۾ ٻولين جي سکيا جي سڌي يا اڻ سڌي طور ڳالهه ڪئي وئي آهي، پر 75 سال گذرڻ کان پوءِ وفاقي سطح تي اڃا تائين ٻولين جي تعليم بابت ڪا مڪمل ۽ واضح ٻولي پاليسي جُڙي نه سگهي آهي." خيبرپختونخوا مان آيل اسڪالر ڊاڪٽر محمد علي ديناخيل 'خيبرپختونخوا ۾ خطري هيٺ آيل ٻولين جي بحالي' جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو ته "تاريخ ٻڌائي ٿي ته دنيا مان سوين ٻوليون پنهنجو وجود وڃائي ويٺيون آهن، جيڪڏهن ڪا ٻولي بغير دستاويزن جي مري وڃي ٿي ته اها ڄڻ موجود ئي نه هئي، جيتوڻيڪ پاڪستان گهڻ ٻوليائي ملڪ آهي، پر خوفناڪ ڳالهه اها آهي ته هتي به ڪيترين ٻوليون ختم ٿي رهيون آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ ڳالهائي ويندڙ 73 ٻولين مان 23 ٻوليون خيبرپختونخوا ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، انهن ٻولين مان 9 ٻوليون خطري هيٺ آهن."

نامور محقق مختيار احمد ملاح 'ڊاڪٽر دائود پوٽي پاران درسي ڪتابن جي ٻوليءَ ۾ ڪيل ترميمن تي تاريخي مباحثو (گم ٿيل باب جي ڇنڊڇاڻ)' جي موضوع تي مقالو پيش ڪندي چيو ته "ڊاڪٽر دائود پوٽي، مروج سنڌي اعرابن ڏيڻ جي طريقي کي 35 سالن جي استعمال کان پوءِ رد ڪري، هڪ دفعو ٻيهر پُراڻو عربي نمونو اختيار ڪيو ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن جي عهدي تي اچڻ سان ڪتابن جي ٻولي ترميمن جي سلسلي ۾

جوڙيل قاعدن جي ترميم ڪئي، سندس ڪيل تبديلين ۽ ترميمن سان هڪ قسم جو بحث ڇڙي پيو جنهن ۾ اديبن، عالمن، رسالن ۽ اخبارن ڀرپور حصو ورتو. اهو بحث 1940ع کان 1947ع تائين هليو. اخبارن ۽ رسالن ۾ بحث هلندو رهيو.“

نامور شاعر ۽ اديب ڊاڪٽر ادل سومري ’خطري هيٺ آيل ٻولي ۽ انهن جا ڳالهائيندڙ‘ جي عنوان هيٺ پنهنجو مقالو پيش ڪندي چيو ته، ”ڌارين جي يلغار، ظلم ۽ لڏپلاڻ ۽ ٻين آفتن سبب ٻوليون ختم ٿي وينديون آهن. تاريخ ۾ طاقتور ٻولي لاطيني هئي، جڏهن رومن ايمپائر جو زوال ٿيو ته لاطيني ٻولي ختم ٿي وئي، سنسڪرت ديوتائن جي ٻولي سمجهي ويندي هئي، سا به ختم ٿي وئي. الائي ڪيتريون ٻوليون نسل ڪشيءَ جي ڪري مِٽجي ويون..“

ڪي ’گنان‘ سڏيو ويندو آهي. گنانن جي روايت اٽڪل 9 صديون اڳ شروع ٿي ۽ 19 صديءَ جي پوئين اڌ تائين چڱيءَ ريت جاري رهي. اسماعيلي پيرن ۽ سيدن جهڙوڪ، شمس، صدرالدين، تاج الدين وغيره ڏکڻ ايشيا جي مختلف ٻولين جهڙوڪ سنڌي، گجراتي، پراڪرتي وغيره ۾ گنانن کي ترتيب ڏنو.“ اديب ۽ شاعر ياسر قاضي ”سنڌي لغت ۾ گذريل 23 سالن ۾ شامل ٿيل نوان لفظ ۽ اصلاح“ جي موضوع تي پنهنجي مقالي کي پيش ڪندي چيو ته، ”ٻوليون وهندڙ درياهه آهن، جن ۾ هر گذرندڙ ڏينهن سان واڌارو ٿيندو رهي ٿو. دنيا جي وڏين لغتن مان هڪ آڪسفورڊ انگلش ڊڪشنري بابت سندن ايڊيٽرن جي اندازي موجب هر سال جي ڇاپي ۾ لڳ ڀڳ 4 هزار نون لفظن جو

پڻ حصو بڻيا، سنڌيءَ ۾ پڻ لفظ پاڻ سمايا“.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جي استاد ۽ محقق ڊاڪٽر رشد الله مخمور بخاريءَ ’ٻولي ۽ ثقافت جو ڳانڍاپو‘ جي عنوان هيٺ پنهنجي مقالي ۾ چيو ته، ”ثقافت بنيادي طور هڪ اصطلاح آهي، جنهن جي ڀاڃ شعور ۽ ساڃاهه ٿيندي، انساني زندگيءَ جو سمورو ڍنگ، انداز ثقافت جو حصو آهي، قومن جي سڃاڻپ جو وڏو سبب پڻ ثقافت کي سمجهيو ويندو آهي.“

قائداعظم يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ محقق ڊاڪٽر منظور علي ويسريي ’سنڌي صورتخطيءَ کي آسان بنائڻ جي ضرورت‘ جي عنوان هيٺ مقالو پيش ڪندي چيو ته، ”آئيوِيٽا لکت جي نشانين جي ان نظام کي چئبو آهي، جنهن ۾ هر نشاني ٻوليءَ جي



## چوٿين ويهڪ

**موضوع: سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ آيل تبديليون**

**ميزبان: ڊاڪٽر رياضت ٻُرڙو**

ڪانفرنس جي چوٿين ويهڪ جو موضوع ’سنڌي ٻولي، ثقافت ۽ آيل تبديليون‘ هو. هن ويهڪ ۾ پهريون مقالو ’سنڌي ٻولي ۽ اسماعيلي گنان: هڪ جائزو‘ جي عنوان تي پيش ڪندي محقق علي جان داماڻيءَ چيو ته ”ڏکڻ ايشيا جي مختلف علائقن ۾ ستپنٿي اسماعيلي، جيڪي آغا خاني سڏجن ٿا، انهن جي مقدس ڪتابن کي

واڌارو ٿيندو رهي ٿو.“ هن چيو ته ”اسين 21 صدي جا 23 سال گذاري چڪا آهيون. ان وچ ۾ جتي ’نائين اليون‘ جهڙن واقعن دنيا جي امن کي لوڏيو ته، ’بريگزٽ‘ جهڙن سياسي معاهدن يورپ کي ٻه عملي طرح ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو جتي موبائيل فون خاص طور سمارٽ فون جي ايجاد کان پوءِ مختلف سماجي ايپليڪيشنس نئين نسل جي مزاج کي تبديل ڪيو. اتي ’ڊيپ اسٽيٽ‘ ۽ ’جنريشن ايڪس‘ جهڙا اصطلاح ۽ انهن سان سلهاڙيل هزارين نوان لفظ پڻ متعارف ٿيندا رهيا، جيڪي دنيا جي هر ٻوليءَ جيان سنڌي لغت جو

ڪنهن اڪائي جي نمائنده هجي، جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي آئيوِيٽا جي قدامت جو سوال آهي ته جهڙي نموني سنڌي ٻولي قديم آهي، تهڙي نموني سنڌي ٻوليءَ جي آئيوِيٽا پڻ قديم آهي، جنهن جا آثار موهين جي دڙي، ڀنڀور، آمري ۽ ٻين قديم آثارن مان مليل مهرن، سڪن، ٺڪرين تي اُڪريل نشانين ۽ عبارتن مان مليا آهن.“ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ تاريخ جو مضمون پڙهائيندي ڊاڪٽر حميرا ناز ’انگريزن جون سنڌي ٻولي بابت ڪيل خدمتون هڪ نئين دور جو آغاز“ جي عنوان هيٺ مقالي ۾ چيو ته، ”ابتدائي اشارن مان واضح ٿئي ٿو ته سنڌي

ٻولي جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي جي تهذيب ۾ آهن. گذريل دور ۾ آريائي، فارسي، يوناني، انگريزي ٻولين جي اثر جي ڪري ڪيترن سالن کان اڳتي هلي تبديلي ايندي رهي. سنڌي ٻولي رابطي لاءِ استعمال ڪرڻ کان سواءِ ڪاروباري ڪاروهنوار ۾ وڏي پئماني تي استعمال ٿيندي رهي. هن چيو ته عربي رسم الخط اپنائڻ جي حوالي سان ڪئپٽن رچرڊ برٽن وڏي حمايت ڪئي، انگريزن 1848ع ۾ فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي قرار ڏنو."



## اختتامي ويهڪ

### ميزبان: ڊاڪٽر عبدالرزاق چنا

ٻن ڏينهن جي عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس جي اختتامي ويهڪ جي مکيه مقرر ۽ ملايا يونيورسٽي ملائشيا جي پروفيسر، ٻولين جي ماهر ڊاڪٽر مايا ڊيوڊ پنهنجي آن لائن مقالي ۾ چيو ته "پوري دنيا مان گهڻيون ٻوليون مري رهيون آهن، اينٽراپالاجسٽ ۽ لسانيات جا ماهر اهڙين ڪيترن ئي ٻولين کي زنده رکڻ لاءِ گهڻو وقت ۽ توانائي وقف ڪري رهيا آهن. اهي پنهنجو وقت مرندڙ ٻولين جي بحالي لاءِ بچيل آخري چند ماڻهن سان ملي رڪارڊنگ ڪرڻ ۽ دستاويز هٿ ڪرڻ ۾ لڳائي رهيا آهن. انهيءَ تحقيق جو مقصد آهي ته انهن ٻولين جي مڪمل خاتمي کان اڳ انهن جو رڪارڊ رکيو وڃي. هن چيو ته تحقيق ڪندڙ پنهنجي تحقيق ۾ اهي سبب طئي ڪندو آهي ته ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کان ڇو پري ٿي رهيا آهن ۽ انهن کي بچائڻ جا ڪهڙا طريقا آهن. ٻوليءَ جي بحالي ۽ بچاءَ لاءِ انهن سڀني کي ذهن ۾ رکي مناسب رٿابندي ڪرڻ گهرجي."





ناليواري محقق ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ چيو ته "سنڌي ٻولي هزارين سالن جي تاريخ رکي ٿي، دنيا جي ٽن قديم ٻولين ۾ سنڌي ٻوليءَ جو شمار ٿئي ٿو ۽ قديم آثارن مان جيڪا لکت ملي ٿي اهو طئي آهي ته اها لکت هتي جي آهي. ان ڏس ۾ اسڪالرن پنهنجا رايا ڏنا آهن ته هن ٻوليءَ جي شروعات موهن جي دڙي کان ٿئي ٿي. هن چيو ته سنڌ زراعت، گهريلو صنعت ۽ سمنڊ جي ڪري واپار سبب دنيا جي اڄ وچ جو مرڪز رهي آهي ۽ ان جو دنيا جي ٻين ملڪن سان تعلق رهيو آهي." سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ۽ اسڪالر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ اختتامي ويهڪ کي خطاب ڪندي چيو ته "ٻوليءَ بابت جيڪو ڏيئو ٽرمپ کان وٺي سنڌي عالمن ٻاريو آهي، ٻوليءَ سان لڳاءُ نسل در نسل سفر ڪيو آهي. ايندڙ پيڙهيءَ کي پنهنجي ٻولي سمجهڻي پوندي هن چيو ته هاڻ دؤر ڪمپيوٽر مارڪيٽنگ ۽ ڪمرشلائيزشن جا مسئلا آهن، ماڻهن جا احساس به ڪارپوريٽ ٿي ويا آهن. انهن شين کي سامهون رکي هن ڪانفرنس ۾ پاس ٿيل ٺهرائن تي عمل ڪرائڻ جي ضرورت آهي."

سگا جي باني ۽ نامياري تعليمدان ڊاڪٽر سليمان شيخ چيو ته "اسان وٽ ٻوليءَ طرف رويا تبديل ٿي رهيا آهن، ريتون رسمون تبديل ٿي رهيون آهن، مارڪيٽ ۾ ٻوليءَ کي تسليم نه ڪرائي سگهيا آهيون، اخبارن، چئنلز ۽ ريڊيو ٻولي ڦهلائڻ جا ذريعا آهن. پر اتي ٻوليءَ جي صورتحال ڏسي افسوس ٿئي ٿو."

ثقافت کاتي سنڌ جي اڳوڻي صوبائي وزير ۽ سينيٽر سسئي پليجو عالمي ڪانفرنس جي اختتامي تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي چيو ته "پاڪستان ۾ ڳالهائي ويندڙ سمورين ٻولين جو حق آهي، انهن کي آئيني حق نه ملي سگهيو آهي. دنيا ۾ تقريبن هر سال ڏهه ٻوليون ختم ٿي رهيون آهن. يونيسڪو جو معيار آهي ته جنهن ٻوليءَ کي هڪ لک کان گهٽ ماڻهو ڳالهائين ٿا، اهي هلي نه سگهنديون. ٻوليءَ جا ڏاهڙا ضرور ملهائڻ گهرجن. پر ادارتي،



سماجي، ثقافتي ۽ اخلاقي طور اڳيرائي ٿيڻ گهرجي. "هن چيو ته "ثقافت، ٻولي، دريا، سمنڊ ۽ سنڌ اسان جي ساهه جي رڳ آهي، اها لڪير نڪتل آهي، جنهن تي اسان ڪا به ڳالهه نه ٻڌنداسين. هن وڌيڪ چيو ته سنڌي سميت پنهنجي ٻولين کي قومي ٻولي ڏسڻ چاهيون ٿا، سنڌي ڪنهن ٻي ٻولي جي ڄڻيل نه پر سنڌيءَ جي پنهنجي سڃاڻپ آهي. سنسڪرت جي ڪجهه لفظن جي قرضي ضرور آهي، ايئن سنسڪرت خود به سنڌي ٻولي جي قرضدار آهي."

ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي ملڪ جي نامور اسڪالر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر جامي چانڊيي ڪانفرنس جا ٺهراءُ پيش ڪيا، جيڪي ڪانفرنس ۾ شريڪ سمورن ماڻهن هٿ مٿي ڪري پاس ڪيا.

## عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس ۾ منظور ٿيل ٺهراءُ



1. پاڪستان ۾ وفاقي سطح تي قومي ٻولين جي تعين ۽ نفاذ لاءِ ڪميشن قائم ڪئي وڃي.
2. پاڪستان جي سمورين مادري ٻولين کي آئيني طور قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي.
3. سنڌ ۽ ملڪ ۾ پهرئين ڪان پنجين درجي تائين لازمي طور مادري ٻولين ۾ تعليم کي يقيني بڻايو وڃي.
4. سنڌ ۾ 1972ع واري ٻولين بابت قانون تحت خانگي تعليمي ادارن کي پابند ڪيو وڃي ته اُهي پهرئين ڪان پنجين درجي تائين سنڌي مضمون کي نصاب ۾ لازمي طور پڙهائين.
5. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ سيني خانگي ۽ ڪاروباري ڪمپنين کي پابند ڪيو وڃي ته اهي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي هڪ لازمي ڪاروباري ٻوليءَ طور يقيني بڻائين.
6. سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي پاران هدايت نامو جاري ڪري صوبي اندر ڪم ڪندڙ سمورن نجي ۽ سرڪاري تعليمي ادارن کي پابند بڻايو وڃي ته اهي ٻارن کي پنهنجي مادري ٻولين ۾ ڳالهائڻ کان نه روڪين.
7. هيءَ ڪانفرنس سنڌ حڪومت کان مطالبو ٿي ڪري ته 1972ع جي ٻوليءَ بابت قانون هيٺ سنڌ جي سيني سرڪاري انتظامي توڙي عدالتي نظام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي رسمي واهپي کي يقيني بڻايو وڃي.
8. سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪجي ٿو ته وفاقي سطح تي موجود اداري اردو سائنس بورڊ جي طرز تي 'سنڌي سائنس بورڊ' قائم ڪيو وڃي.
9. سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪجي ٿو ته 'سنڌي ڊڪشنري بورڊ' قائم ڪيو وڃي.
10. 1972ع جي ايڪٽ تحت سنڌ حڪومت جي ماتحت مختلف شعبن ۽ ادارن ۾ ڪم ڪندڙ عملدارن لاءِ نه رڳو سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي ڪورس کي لازمي قرار ڏنو وڃي پر گڏوگڏ نين ڀرتين لاءِ سنڌيءَ جي بنيادي سکيا جي سرٽيفڪيٽ کي پڻ لازمي قرار ڏنو وڃي.
11. ٻوليءَ کي بنيادي انساني حق تسليم ڪندي مادري ۽ قومي ٻولين جي تحفظ، واڌاري ۽ ترويج لاءِ گهڻ علمي ۽ گهڻ شعبه جاتي سوچ ۽ طريقه ڪار جي استعمال کي يقيني بڻايو وڃي، جنهن ۾ خاص طور لسانيانيات، سماجي لسانيات، علم الانسان، سماجيات، صنفي علم، سياسيات، معيشيت ۽ ثقافتي اڀياسن سان سلهاڙيو وڃي.



ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي مشهور راڳين مانجهي فقير ۽ سيف سميجي فن جو مظاهرو ڪري شريڪ ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو.


SINDHI LANG
INDUS SCRIPT
INDIGENOUS LANG
International Sindhi Langua
FEBRUARY 20-21,
NGUAGE AUT
HYDE





# سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم: عمرڪوٽ ۾ ٻن ڏينهن جو 'ٻارن لاءِ ٻوليءَ ثقافت جو ميلو'





سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۽ 'عمر ڪوٽ جو آواز فورم' پاران سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ 21 جنوري 2023ع تي بوائز ڊگري ڪاليج عمرڪوٽ ۾ ٻن ڏينهن جو 'ٻارن لاءِ ٻوليءَ ۽ ثقافت جو ميلو' منعقد ڪيو ويو. ميلي جو افتتاح سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ڪيو. جڏهن تہ تقريب کي ڊي سي عمرڪوٽ ڊاڪٽر ايم بي ڌاريجي، نامور ليکڪ نصير مرزا، علي دوست عاجز، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، ڊاڪٽر فياض لطيف، پارومل امراڻي، غلام نبي شاهاڻي ۽ ٻين خطاب ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ ان کي درپيش مسئلن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. ان موقعي تي پونجراج ڪيسراڻيءَ جي ڪتاب 'ٻارن لاءِ ڪير پڙا' جي پڌرائي پڻ ڪئي وئي. ميلي ۾ ضلعي جي اڪثريتي اسڪولن جي ٻارڙن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ پنهنجي ماءُ ٻوليءَ جي اهميت جي حوالي سان وڻندڙ تقريرون ڪيون. جڏهن تہ ٻارڙن خوبصورت خاڪا بہ پيش ڪيا. شاهہ سائين جا بيت پڙهيا. گيت ۽ وايون ڳائي پنهنجي ٻوليءَ سان محبت جي احساس کي هٿي وٺائي. ان موقعي تي عمر مارئي داستان تي هڪ شاندار خاڪو پيش ڪيو. ٻن ڏينهن تي ڪتابن جو ميلو پڻ لڳايو ويو. ان موقعي تي سنڌي ٻوليءَ جي باختيار اداري جي گاڏي شهر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي جي اهميت ۽ افاديت جي حوالي سان پرچار پڻ ڪئي.



















# "ميڊيا ۾ سنڌي ٻوليءَ جي درست واهپي بابت" ٻن ڏينهن جا ٻه تربيتي ورڪشاپ

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران چئن ڏينهن جو سکيائي ورڪشاپ 30 جنوري کان 2 فيبروري 2023ع تائين "ميڊيا ۾ سنڌي ٻولي جو درست واهپي بابت" جي موضوع تي اداري جي ڊاڪٽر بلوچ هال ۾ منعقد ٿي گذريو.

موقعو گهٽ ملي ٿو اهڙي حالتن ۾ ٻوليءَ جون غلطيون ٿينديون رهن ٿيون. ان کي نظر ۾ رکندي ياڻ هتي گڏ ٿيا آهيون. هن چيو ته هاڻ فقط اخبارون، ريڊيو ۽ ٽي وي ميڊيا جا ادارا ناهن هن وقت سڀ کان وڌيڪ سوشل ميڊيا جو واهپو

آهن جن کي نج صورت ۾ استعمال ڪري سگهجن ٿا پر آهستي آهستي لاشعوري ۾ انهن لفظن جي جاءِ تي ڌارين ٻولين جا لفظ داخل ٿي ويندا آهن انهن کي شعوري طور بچائي رکڻ اسانجي ذميواري آهي چو ته ٻولي مطالبو ناهي ڪندي پر ٻوليءَ جي درست استعمال ڪرڻ کي پنهنجي ذميواري سمجهڻ کپي".

هن تربيتي ورڪشاپ جو مقصد ئي هو ته ميڊيا جي ادارن ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جو گڏيل طور جائزو وٺي، انهن کي درست ڪري سگهجي، چو ته پڑهڻ پڑهائڻ کان وڌيڪ سکڻ ۾








اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ان موقعي تي چيو ته هن وقت ميڊيا ۾ جيڪي ماڻهو ڪم ڪن ٿا اهي جتان پڙهي نڪرن ٿا اتان جي تعليم سڀني جي سامهون آهي، جنهن سماج ۾ رهون ٿا، اتي ٻوليءَ ڏانهن جيڪو رويو آهي اهو ٻه ڏسون پيا. جڏهن ته ڪم جي گهڻائيءَ سبب تجربيڪارن کي به سيکارڻ جو

آهي، جنهن جو ڪو ايڊيٽر نه آهي، هر ماڻهو جنهن وٽ موبائيل آهي اهو ڪجهه نه ڪجهه لکندو رهي ٿو هڪ ته ان جا خيال پهچن ٿا ٻيو اهو پنهنجي ٻولي ڦهلائي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته ٻولي جيئن جو تيئن برقرار رهي اهو ممڪن ناهي، هر لفظ کي نج ڪرڻ جي چڪر ۾ ابلاغ وڃائي ويهنداسين پر ڪافي اهڙا لفظ

سيکارڻ هميشه ياد رهندو آهي. هن چيو ته ڪوشش ڪري نج ۽ درست لفظ استعمال ڪرڻ گهرجن پر ڪيترائي اهڙا لفظ آهن جن جا متبادل نه هوندا انهن کي ڪشاده دليءَ سان قبول ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته اڪثرنجي اسڪول سنڌي ٻوليءَ طور مضمون طور ته ڪو نه ٿا پڑهائن پر ڪيترن ئي اسڪولن

۾ پنهنجي ٻوليءَ ڳالهائڻ تي به ڏنڊ وڌو ويجي ٿو. پنهنجي وطن ۾ ايئن ٿئي، اهو الميو آهي اهڙي حالتن ۾ اسان تي ذميواري وڌي وڃي ٿي. ان لاءِ ٻوليءَ جي معاملي تي اسان سيني کي گڏيل وک کڻڻ جي ضرورت آهي".

اداري جي سيڪريٽري پروفيسر شبنم گل چيو ته " هن قسم جي سکيا جو مقصد اهو آهي ته اسان گڏ ويهي ٻوليءَ بابت مسئلن جي نشاندهي ڪريون ۽ انهن جي درستگيءَ لاءِ پنهنجا رايا ۽ تجويزون پيش ڪريون. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو سنڌي ٻوليءَ جي درست استعمال لاءِ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڌرين جي تربيت ڪرائيندو رهي ٿو. ميڊيا اهم ۽ سماج ۾ ٻوليءَ پهچائيندڙ وڏو شعبو آهي ۽ ميڊيا ۾ ٻوليءَ جي بگاڙ کي محسوس ڪيو وڃي ٿو ان ۾ درستگين جي ضرورت آهي".

ورڪشاپ ۾ تربيت ڏيندي ناليواري صحافي سهيل سانگي چيو ته " شعوري طور ڪير به ٻولي ناهي بگاڙيندو. لاشعور ۾ بگاڙ ٿيندي رهي ٿي پر ان جي درستگيءَ لاءِ شعور کي استعمال ڪرڻو پوندو. هن چيو ته ميڊيا روز جي بنياد تي جيڪو مواد پيدا ڪري ٿو اهو تمام گهڻو مواد آهي جنهن سان تاريخ جوڙي ٿي ان لاءِ ميڊيا ۾ ڪم ڪندڙن تي وڏي ذميواري ٿئي ٿي ته اهي وڌ ۾ وڌ ٻوليءَ جي درست استعمال کي يقيني بڻائين. هن وڌيڪ چيو ته ماضيءَ ۾ ٻوليءَ کي هندو يا مسلمان بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ان ڪري ڌارين لفظن جي شموليت ٿي، ٻيو ورهاڱي کان پوءِ ٿيندڙ لڏپلاڻ جي ڪري سنڌي ڳالهائيندڙ وڏو طبقو هتان هليو ويو جڏهن ته سنڌ جي شهرن ۾ غير سنڌي ڳالهائيندڙن جو انگ وڌيو ان ڪري تعليم، مارڪيٽ ۽ سماج جي مختلف شعبن ۾ ٻوليءَ تي وڏو اثر پيو. هاڻ ان کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪري سگهجي ٿي.

ميڊيا اهم ۽ سماج ۾ ٻوليءَ پهچائيندڙ وڏو شعبو آهي ۽ ميڊيا ۾ ٻوليءَ جي بگاڙ کي محسوس ڪيو وڃي ٿو ان ۾ درستگين جي ضرورت آهي. نوجوان ليکڪ خالد آزاد چيو ته " جيڪي سنڌيءَ ۾ معقول ۽ متبادل لفظ موجود آهن ان جاءِ تي ڌارين ٻولين جي لفظ استعمال ڪرڻ سان ٻوليءَ ۾ بگاڙ ٿئي ٿو جنهن کي اسان درست ڪري سگهون ٿا. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترن ئي لفظن کي مختلف صورتن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو جنهن لاءِ تازو اداري پاران ٻوليءَ ماهرن ۽ ليکڪن جو مذاڪرو ٿيو ان مذاڪري جي سفارشن سان جن لفظن کي معياري شڪل ڏني وئي آهي اهي استعمال ڪرڻ گهرجن.

عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگويج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي ماهر امر فياض ٻرڙي ڊجيٽل ميڊيا جي دور ۾ ٻوليءَ جي حيثيت بابت ڳالهائيندي چيو ته "ميڊيائي ادارا، آن لائن ڊيٽا ۽ بلاگنگ پورٽل ڊجيٽل پورٽل تي لفظن جو ذخيرو گڏ ڪندا آهن انهن ۾ ميڊيائي ادارن کي معتبر ۽ مصدق ذريعو سمجهيو ويندو آهي. هن چيو ته اٺ صفحن جي اخبار ٽيهه هزار لفظ ڇپي ٿي، ايئن ڏهن اخبارن جي لفظن جو ذخيرو ٽيهه لک ٿيندو، پر هن وقت تائين ڊجيٽل پورٽل تي صرف 60 لک لفظن جو ذخيرو آهي ڇاڪاڻ جو اخبارون ٽيڪسٽ بجاءِ تصويري شڪل ۾ آن لائن ٿين ٿيون". هن وڌيڪ چيو ته ميڊيا جي ادارن کي پنهنجي ويب سائيٽ تي تعارف سنڌيءَ ۾ ڏيڻ گهرجي ته جيئن گوگل ۾ سنڌيءَ جو شمار وڌ ۾ وڌ ٿئي. سينيئر صحافي



ناز سهتي چيو ته " ٻوليءَ اسان کي مفت ۾ نه ملي آهي اها قربانين کان پوءِ اسان وٽ پهتي آهي، اسان جي بزرگن ڏکين حالتن ۾ رهي به اسان تائين ٻوليءَ پهچائي ۽ هاڻ اسان جي گهرن ۾ سنڌي جو واهپو به ڏسي رهيا آهيون". هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه وقت اڳ تائين اخبارن ۾ ٻوليءَ ۽ ڪيل ڪم جي نظرثانيءَ لاءِ ماڻهو مقرر ڪيو ويندو هو. جيڪو ڇپيل پيپر کي پڙهي غلطين جي درستگي ڪندو هو. ان وقت غلطين جي گنجائش گهٽ هوندي هئي ۽ ايڊيٽر پروفيشنل هوندا هئا. انهن جي هر شئي تي نظر رهندي هئي ۽ هاڻ جيڪو سيٽ اپ ڪري ٿو اهو پاڻ ئي ايڊيٽر بڻجي ويو آهي.

ناميار اديب تاج جويو ميڊيا ۾ ٻولي جو درست استعمال (جملي جي ساخت، گرامر، واحد جمع، مذڪر مونث بابت ليڪچر ڏنو.

ٻن مرحلن ۾ ٽيل ڇئن ڏينهن جي تربيتي ورڪشاپ ۾ ڪُل 13 ويهڪون ٿيون.

آخري ڏينهن تي ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيندڙ صحافين کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

***





# "لکڻي، ان جي ايڊيٽنگ ۽ پروف پڙهڻ بابت" تربيتي ورڪشاپ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران "لکڻي، ان جي ايڊيٽنگ ۽ پروف پڙهڻ بابت 13 جنوري 2023ع تي هڪ ڏينهن جو سکيائي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي ورڪشاپ جا مقصد ۽" تحرير/لکڻي جي ايڊيٽنگ جو فن ۽ اصول " جي موضوع تي ليڪچر ڏيندي چيو تہ 'ٻوليءَ اٿارٽيءَ جو بنيادي ڪم ئي ٻوليءَ جو درست استعمال آهي،پروف پڙهڻ کان وٺي ايڊيٽنگ جي مرحلي تائين ٻوليءَ جو عمل شامل هوندو آهي. اسان وٽ ليکڪ کي پئسا ناهن ملندا پر ايڊيٽر کي پئسا ملندا آهن. اسان جي سماج ۾ لکڻ واري جي حيثيت قبول ناهي ڪئي وئي پر ايڊيٽر جي حيثيت قبول ڪئي وئي آهي. ايڊيٽنگ انتهائي سمجهہ ۽ ذميواري جو ڪم آهي، اها ئي ٻوليءَ پڙهندڙ تائين پهچي ٿي ان ڪري ايڊيٽنگ جي ڪم ۾ مهارت گهربل هوندي آهي.هن چيو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لکڻي/ تحرير کي ڇاپڻ کان اڳ درست، معياري، اثرائتو ۽ تز بنائڻ لاءِ ترميم تبديل، تبديلي، سڌارن، واڌارن، سنوارڻ واري عمل کي ايڊيٽنگ چئبو آهي. ايڊيٽنگ جا مختلف اصول بہ ٿيندا آهن جن ۾ لکڻي جي اسلوب جي اصليت کي قائم رکڻ، ليکڪ جي نڪتہ نظر، لکڻيءَ جي بنيادي مقصد يا مرڪزي خيال کي تبديل نہ ڪرڻ، پنهنجا خيال يا موقف کي ٻئي جي لکڻي ۾ شامل نہ ڪرڻ آهن. هن چيو تہ انساني تاريخ جو سڀ کان وڏو ڏينهن اهو هيو جنهن ڏينهن ٻوليءَ جي ايجاد ٿي، پهرين زماني ۾ اظهار جا مختلف طريقا رائج هئا، جن ۾ تاثر اشارا ۽ لکيرون شامل هيون اهي محدود ذريعا هئا، جن کي محفوظ نہ ڪري سگهبو هو. جڏهن ٻولي وجود ۾ آئي تہ وڏن عالمن، سائنسدانن، سياستدانن، طب جي ماهرن ۽ مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن جا ڪم محفوظ ٿي ويا ۽ گوگل تي زندگيءَ جي ڪنهن بہ موضوع جي باري ۾ معلومات ملي ويندي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار جي سيڪريٽري شبنم گل ورڪشاپ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ' پڙهڻ ۽ لکڻ بہ بنيادي شيون آهن ڏيان سکيا جو اهم ۽ پهريون جز آهي هن وڌيڪ چيو تہ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ سکيا جو عمل تمام گهٽ آهي اسان کي ان تي سوچڻ کپي.

'عبارت/تحرير جو فن ۽ ان جا اصول' جي موضوع تي تعليمي ماهر ادريس جتوئيءَ ليڪچر ڏيندي چيو تہ 'زندگيءَ جا مختلف شعبا آهن اسان جنهن شعبي ۾ وڃون ٿا ان جي باري ۾ سکيا حاصل ڪيون ٿا. لکڻ بہ هڪ فن آهي هر شعبي ۾ لکڻ جو عمل ٿئي ٿو. لکڻ جو فن جلدي نٿو سکي سگهجي لکڻ جو ڪم مسلسل مشق آهي ۽ مشق لاءِ محنت ڪرڻي پوي ٿي. معياري لکڻي ڪو تحفو ناهي اهو هڪ مسلسل محنت جو نتيجو آهي.

ناليواري اديب تاج جويي 'ٻيهڪ جون نشانيون فن ۽ استعمال ' جي موضوع تي ڄاڻ ڏيندي چيو تہ' اسان سنڌي ٻوليءَ ڳالهائيندڙ آهيون، ٻولي جذبن، احساسن، ڪيفيتن جو اظهار هوندي آهي اسان پنهنجي خيالن جو اظهار ڳالهائڻ ۽ لکڻ جي وسيلي ڪندا آهيون.ڳالهائڻ وقت ماڻهن جا مختلف طريقا ٿين ٿا مثال طور چهري جا تاثرات، هٿن جا اشارا وغيره جڏهن تہ لکڻ ۾ اهي اظهار مختلف ٻيهڪ جي نشانين جي ذريعي ادا ڪندا آهيون . اهي نشانيون جملي/ مضمون جي مفهوم کي واضع ڪنديون آهن.'ٻاراڻي ادب جي ليکڪ خالد آزاد موضوع " ٻولي جو درست استعمال ۽ پروف پڙهڻ جي اهميت بابت ليڪچر ڏنو ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيندڙن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا.












# ترجمي جو فن ۽ ان جا اصول

## هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ



سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران 16 مارچ 2023 تي 'ترجمي جو فن ۽ ان جا اصول' جي موضوع تي هڪ ڏينهن جو تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ ترجمي جي فن سان لاڳاپيل مختلف شعبن جي ماهرن شرڪت ڪئي. تربيتي ورڪشاپ کي ليڪچر ڏيندي سنڌ يونيورسٽيءَ جي استاد ۽ نامور اديب ڊاڪٽر مبارڪ لاشاريءَ چيو ته "ترجمي جي فن ذريعي هڪ خيال ۽ ڳالهه کي ٻي ٻوليءَ ۾ آندو ويجي ٿو. ترجمي نگاري انتهائي ذميواري وارو فن آهي. ڪو به مواد غلط يا درست ترجمو ٿئي، پر اهو تاريخ جو حصو بنجي ويندو آهي. تنهنڪري مترجم کي اهو ڪم ذميواريءَ سان ڪرڻو هوندو آهي." هن چيو ته "دنيا جي وڏن عالمن ۽ دانشورن انگريزيءَ ۾ نه لکيو پر انگريزن ان جي مالڪي ڪري، ان کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو پر ايئن به نه آهي ته جيڪي ترجما انگريز ڪندا آهن، اهي ئي بهتر آهن. ترجمو ڪندڙ لاءِ ضروري آهي ترجمي نگار، لکندڙ جي تصور ۽ خيال جي روح تائين پهچي ۽ ٻنهي ٻولين جي ڄاڻ رکندڙ هجي.

نامياري دانشور انعام شيخ، ورڪشاپ ۾ ليڪچر ڏيندي چيو تہ "اسان وٽ محنت تمام گهٽ ٿئي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي جي رفتار انگريزن کان پوءِ گهٽ ٿي وئي. انگريزن جي وڃڻ کانپوءِ ڪنهن به شعبي ۾ ڪم وڌي نہ سگهيو. هن چيو تہ ترجمي بعد ئي دنيا جا وڏا لکندڙ عالمي سطح جا ماڻهو بڻيا. ايئن شيخ اياز کي ان نموني ترجمو ڪيو ويجي ها تہ اياز عالمي سطح جو شاعر سمجهيو ويجي ها." هن چيو تہ "ٻولين جو هڪٻئي سان تعلق رهي ٿو. جن ٻولين ٻين ٻولين سان رابطو ڇڏيو تہ اهي ختم ٿي ويون. سنسڪرت ۽ لاطيني ٻولين جا مثال سامهون آهن."

ناميار ي ڪالم نگار منوج ڪمار



پنهنجي ليڪچر ۾ چيو ته "پهرين دفعو لڳي رهيو آهي ته جيڪو ڪم گهڻو اڳ ٿيڻ ڪپندو هو. اهو هاڻ پيو ٿئي. نوجوانن جي مختلف شعبن جي فني تربيت تمام ضروري آهي. ترجمي جي فن بابت اسان جي نوجوان کي آگاهي به نه آهي." هن چيو ته "ترجمو دنيا جي بهترين ادب سان لاڳاپي جو موقعو ڏئي ٿو ترجمو نه فقط ٻي ٻولي جي ادب سان واقفيت ڪرائي ٿو پر هڪ ليکڪ جي تصور ۽ خيال سان اتي جي تهذيب، تاريخ، رهڻي ڪهڻي، سماجي احساسن بابت معلومات ملي ٿي." هن چيو "شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي صنفون سنڌيءَ جون نه آهن. ناول ۽ افسانو به ٻين ٻولين مان ترجمو ٿي آيا ۽ سنڌي ادب ۾ انهن پنهنجي جاءِ ناهي ۽ ترجمي نگاري سان ٻولين ۽ ادب جو لاڳاپو وڌي ٿو."

سماجي ترقياتي شعبي سان واڳيل ليکڪ ۽ تربيت ڪار لياقت ٿهيم پنهنجي ليڪچر ۾ چيو ته. "دنيا ۾ ادارا ترجمي نگارن جي تربيت ڪرائيندا آهن. انهن مترجمن کي سٺو روزگار ملي ٿو سنڌي ادب عالمي سطح تي ان ڪري متعارف نٿو ٿئي ته ان کي ترجمو نه ڪيو ويو آهي، دنيا جي مارڪيٽ ۾ پاڪستان جي ٻولين ۾ سڀ کان گهٽ سنڌي آهي." هن چيو ته "سڀ کان وڏيڪ سٺو مترجم اهو ٿي سگهي ٿو جنهن کي پهرين پنهنجي ٻوليءَ جي ڄاڻ هجي ۽ پوءِ جنهن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٿو ان جي به ڄاڻ رکندڙ هجي. ايئن ئي اهو ڪنهن ليکڪ جي تصور ۽ خيال کي معياري طريقي سان ترجمو ڪري سگهي ٿو." سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيندڙن جي آجيان ڪئي ۽ تربيتي ورڪشاپ جا مقصد ٻڌائيندي چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران مختلف فني ۽ علمي موضوعن تي سڪيا ورڪشاپ منعقد ڪرائڻ جو سلسلو جوڙيو ويو آهي. اهڙي طرح ترجمي واري شعبي ۾ ضرورت کي محسوس ڪندي هي تربيتي ورڪشاپ کي منعقد ڪيو ويو آهي، اداري جو مقصد ئي اهو ته سنڌي ٻوليءَ کي وڌ کان وڌ ڦهلائجي ۽ ترجمي جو فن انهن ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو." هن چيو ته "سنڌي ٻوليءَ جي ادب کي عالمي سطح تي ۽ عالمي سطح جي ادب کي سنڌي ۾ ترجمو ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي، ان ڪري هي تربيتي ورڪشاپ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو."

آخر ۾ تربيتي ورڪشاپ ۾ شريڪ ٿيندڙ نوجوانن کي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا.

### سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم:

## اداري جي چيئرمئن جي شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر سان گڏجاڻي

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران جاري 'سنڌي ٻولي جاڳرتا مهم' جي سلسلي ۾ 3 مارچ 2023ع تي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپورميرس جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽي سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ۽ اداري اندر سنڌي ٻوليءَ جي واهپي وڌائڻ جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. گڏجاڻيءَ ۾ ادارن وچ ۾ ٻوليءَ کي هٿي وٺرائڻ جي ڏس ۾ هڪٻئي سان سهڪار وڌائڻ تي به اتفاق ڪيو ويو. گڏجاڻيءَ ۾ اداري جي چيئرمئن سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل ائڪٽ تحت سنڌ جي سمورن ادارن وانگر شاهه لطيف يونيورسٽي اندر مختلف فئڪلٽين، شعبن ۽ انتظامي شعبن جا نالا لکڻ ۽ انگريزيءَ وانگر نمايان ڪري لکڻ جي اهميت تي زور ڀريو. ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته سنڌ جي ادارن اندر سنڌي ٻوليءَ جي واهپي ۽ سائن بورڊ توڙي نالن جون تختيون سنڌيءَ ۾ لڳائڻ سان پنهنجي ٻوليءَ جي موجودگيءَ جي احساس کي هٿي ملندي ۽ اداري اندر پڙهندڙ شاگردن ۾ پڻ ٻولي ۽ اداري سان پنهنجائپ جو رشتو قائم ٿيندو. اسان کي سنڌ جي ادارن ۾ سمورن بورڊن تي سنڌي ٻولي لازمي لکڻ کپي ۽ مٿان لکڻ کپي، جيئن سڌريل ملڪن ۾ اصلوڪين ٻولين کي وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي. هن چيو ته ڪراچي يونيورسٽي پنهنجي ڊگري انگريزي توڙي اردو ٻوليءَ ۾ جاري ڪري ٿي هن چيو ته بمبئي يونيورسٽي هنديءَ ۽



انگريزيءَ ۾ ڏئي ٿي، ائين سنڌ جي سمورين يونيورسٽين کي پڻ بي. اي، ايم. اي، ايم فل توڙي پي ايڇ ڊي جي ڊگرين تي سنڌيءَ کي به شامل ڪرڻ گهرجي. اسان کي پنهنجي ماءُ ٻوليءَ کي به اها اهميت ڏيڻ کپي، جيڪا انگريزيءَ توڙي اردوءَ کي ڏيون ٿا. ڇو ته سنڌ اسيمبلي سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي قرار ڏئي چڪي آهي. هن چيو ته نئين نسل وٽ ٻوليءَ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ اسان کي احساس ڪمتري وارن رجحانن کي رد ڪرڻو پوندو. هن چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي ترقي، تحفظ ۽ ترويج طرف تعليمي ادارن جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو ان ڪري ٻوليءَ جي سلسلي ۾ علمي ادبي ادارن جو هڪٻئي سان سهڪار وقت جي ضرورت آهي.

يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽي چيو ته هڪ وڏي قومي مقصد لاءِ ادارن جي ويجهڙائي ۽ هڪٻئي سان سهڪار سان ئي ڪاميابي ممڪن آهي. اسان اداري جي انتظامي فورمن کان منظوري وٺي، سنڌي ٻوليءَ جي واهپي وڌائڻ لاءِ هر ممڪن اپاءُ وٺنداسين. ان موقعي تي وائيس چانسلر يقين ڏياريو ته يونيورسٽي جي ڪاروهنوار ۾ انگريزي ۽ اردوءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ جي واهپي کي ساڳي اهميت ڏئي ممڪن بڻايو ويندو.

# ”ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻولي“ آن لائن مباحثو




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان شروع ڪيل ”سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا ۽ تجويزون“ جي سلسلي ۾ محمد ابراهيم جويو اسٽوڊيو مان مختلف موضوعن تي آن لائن مباحثن جي سلسلي هيٺ شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ 6 جنوري 2023 تي ” ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻولي“ جي موضوع تي آن لائين مباحثو منعقد ٿيو. مباحثي ۾ ڳالهائيندي سنڌ يونيورسٽي لاڙڪاڻي ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر اظهر شاهه چيو ته: سنڌي انفرميشن انٽر چينج ڪوڊ جيڪڏهن اسٽينڊرائز ٿئي ٿو ته جهڙيءَ طرح اسان انگريزي آپريٽنگ سسٽم ليول تي يا پروگرامنگ ليول تي استعمال ڪريون ٿا، ساڳيءَ ريت سنڌي به استعمال ڪري سگهنداسين. سڀ کان پهرين ڪمپيوٽر جي اصطلاحن تي ڪم ٿيڻ گهرجي، ته جئين ڪمپيوٽرن جي لفظن ۽ اصطلاحن کي سنڌيءَ ۾ آساني سان سمجهي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته ” مون کي خوشي آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ انفرادي طرح تي ماڻهن تمام بهترين ڪم ڪيو آهي.“

عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي چيو ته: ڊيٽا بيس کي جمع ڪرڻ ۾ وڏو حصو ميڊيا جي ادارن جي آهي، اخبارن ۾ روزاني لڳ ڀڳ ٻه لک لفظ ڪمپوز ٿين ٿا. هن وڌيڪ چيو ته: سنڌي ٻوليءَ کي هڪ بين الاقوامي ٻولي طور سيڪارڻ لاءِ ٻوليءَ جو بااختيار ادارو اڳتي اچي جنهن جي تمام گهڻي ضرورت آهي.“

آنلائن مباحثي جو ميزبان ويب انجينئر اويس جوڻو هو.

# ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون حسناڪيون“ آن لائن مباحثو

09 مارچ 2023ع تي ”سنڌي ٻولي، خطرا، موقعا، تجويزون“ جي سلسلي هيٺ ”شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون حسناڪيون“ جي موضوع هيٺ آن لائن مباحثو ٿيو. نامور اديب ۽ محقق ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته "ٻوليءَ جو ڳالهائيندڙ يلي عام ماڻهو هجي پر ٻوليءَ جي ترقي ۾ هٿي ڏيڻ وارو شاعر ۽ اديب آهي. ٻوليءَ کي پيدا ڪرڻ وارو يا ڦهلائڻ وارو عام ماڻهو آهي. جڏهن ته شاعر ان ٻوليءَ کي نوان لفظ اربي ٿو. شيخ اياز به لطيف جيان وقت جي اهميت ۽ طاقت واري ٻوليءَ بجاءِ پنهنجي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي. هن چيو ته اياز جنهن وقت پيدا ٿيو ان وقت انگريزيءَ جي اهميت هئي. ورهاڱي کانپوءِ اردوءَ جي اهميت وڌي اياز چاهي ها ته ان وهڪري ۾ وهي وڃي ها. پر اياز پنهنجا رستا پاڻ متعين ڪيا. هو لطيف کان گهڻو متاثر به هو ته ان سان گهڻو پيار به ڪندو هو اياز اردوءَ ۾ به شاعري ڪئي، پر هن لطيف جو اثر ورتو ۽ هيٺئين درجي جي ماڻهوءَ جي ٻولي استعمال ڪئي. سندس ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ وارو تسلسل شاهه لطيف وارو آهي."

آن لائن مباحثي ۾ ڳالهائيندي ناميارى محقق ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪلوڙ چيو ته" اياز جي شاعريءَ ۾ لساني گهڻ رنگي آهي. ٻين شاعرن جي مقابلي ۾ اياز سنڌي ٻولي جي دائري ۾ رهندي پنهنجي شاعريءَ ۾ هر رنگ استعمال




ڪيو ورهاڱي کان اڳ سندس شاعريءَ ۾ فارسيءَ جو رنگ ملي ٿو ته ورهاڱي کانپوءِ ماحول جي اثر هيٺ اردوءَ جو رنگ به ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هن چيو ته اياز اردوءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي، پر جڏهن ٻوليءَ بابت تڪرار ٿيا ۽ ون يونٽ ٺهڻ بعد سنڌ جي ماڻهن کي وجودي خطرو محسوس ٿيو ته اياز پوءِ اردوءَ کي ڇڏي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي. هو شهري ماحول ۾ رهندڙ پڙهيل لکيل شاعر هو تنهن ڪري سندس شاعريءَ ۾ انگريزي ۽ اردوءَ جو به اثر آهي. اياز جي شاعري لساني گلدستو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي رنگ موجود آهن. " نوجوان شاعر ۽ محقق مشتاق گبول چيو ته "شيخ اياز جو گهڻو مطالعو پرڏيهي ادب ۽ شاعريءَ جو رهيو سندس پهريون نظم سنڌيءَ ۾ هو جنهن تي فارسيءَ جو اثر نه آهي، بعد جي شروعاتي سفر ۾ فارسيءَ جو اثر ملي ٿو ۽ اياز جا نظم فارسيءَ ۾ ملن ٿا. هن چيو ته اياز شاعريءَ جي هر صنف کي جدت بخشي ۽ بيت کي نئين انداز ۾ آڻي ان کي ٻيهر جيئرو ڪري ورتو. هن فني حوالي سان قاعدي قانون ۾ رهي موسيقيءَ جي بنياد تي نوان تجربا ڪيا. " آن لائن مباحثي جي ميزباني ناميارى شاعر علي زاهد ڪئي.

# وڇڙي ويل علمي ادبي شخصيتون

گذريل ڪجھ مهينن اندر سنڌ-هند جا ناميارا شاعر ۽ اديب وفات ڪري ويا، جن جي شخصيت ۽ علمي ڪم جو مختصر تفصيل پيش ڪجي ٿو.

## اياز پاٽولي



پنهنجي سموري حياتي ٻاراڻي ادب جي خدمت ڪندڙ اياز پاٽولي 13 مارچ 2023ع تي وفات ڪري ويو. اياز پاٽولي 1957ع ڌاري 18 سالن جي عمر ۾ ٽنڊي محمد خان ۾ ٻاراڻي ادبي تنظيم "اداره گلشن ادب" جو بنياد وڌو. جنهن پليٽ فارم تان 3 سؤ ڪتاب ڇپايا. 1960ع ۾ "بزم گلشن سنگت" قائم ڪئي، جنهن جون سموري سنڌ ۾ 45 شاخون کُليون. اياز پاٽولي ٻاراڻي ادب جا بي شمار ڪتاب ۽ ڊائجسٽ ڇپائي ٻاراڻي ادب کي سگهارو ڪيو.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 19 نومبر 2022ع تي ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ٿيل ٻن ڏينهن جي قومي ڪانفرنس ۾ ڪيس تاحيات مڃتا 'لائيف ٽائيم اچيومينٽ' ايوارڊ ڏنو ويو جيڪو هُن پاڻ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي وصول ڪيو.

## سندر اگناڻي



مشهور سنڌي ڪهاڻيڪار، هدايتڪار، اداڪار، مضمون نگار ۽ ناٽڪ نويس سندر پيسومل اگناڻي 12 اپريل 2023ع تي جئپور ۾ ديهانت ڪري ويو. هُن پهرين آڪٽوبر 1936ع تي، ڳوٺ پريا، ضلعي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. سندر اگناڻيءَ هندستان ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت واري هلچل جو وڏو ڪردار رهيو. سنڌي ٻوليءَ جي هن تخليقڪار ڪيترائي ڪتاب لکيا.

**سندس ڇپيل ڪتابن ۾:** 'ننگا پتر' (1972ع)، 'پاڇا' (ناٽڪ 1987ع)، 'پاڻيءَ جا رشتا' (ڪهاڻيون 1996ع)، 'رُهندڙون' (چترڪاري 1997ع)، 'پيو پاسو' (چترڪاري 1998ع) ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هندستان جي آئين ۾ قومي ٻولي طور تسليم ڪرائڻ واري جدوجهد ۾ به سندس اهم ڪردار رهيو. سندر اگناڻي 2009ع ۾ ڀارت جي سنڌي اديبن ۽ عالمن جي مشهور تنظيم اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جو ڪيترائي سال صدر پڻ رهيو. هن تنظيم سنڌ جي اديبن ۽ فنڪارن کي همٿائڻ لاءِ ساليانا ايوارڊ ڏيڻ جي روايت پڻ وڌي. سندر اگناڻيءَ آل انڊيا ريڊيو تي ڪيترائي فيچر پڻ لکيا. ماهوار رسالي 'سهڻي' جو ايڊيٽر هئڻ سان گڏ سٺو چترڪار به هو. سندس مستقل رهائش راجستان جي شهر جئپور (ڀارت) ۾ رهي.

## ٽيڪچند مست



سنڌي ٻوليءَ جو مشهور شاعر ۽ ليکڪ ٽيڪچند مست 12 اپريل 2023ع تي الهاس نگر ۾ ديهانت ڪري ويو. سندس جنم 15 مارچ 1938ع تي ڇوهڙ جمالي، ضلعي سُڄاول ۾ ٿيو. ٽيڪچند پوري زندگي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندو رهيو هُن ڪيترائي ڪتاب لکيا.

سندس ڇپيل ڪتابن ۾: 'ڪنهن سان اوريان حال' (شاعري: 1972ع)، 'اچ ته پيار ڪريون' (شاعري: 1974ع)، 'ڇٽي ڦاٿاسين ٻار' (ڪهاڻيون: 1980ع)، 'شاديءَ جا لڏون' (ناول: 1982ع)، 'حسين پڙاڏا' (ڪهاڻيون: 1988ع)، 'رنگين پڙاڏا' (ڪهاڻيون: 1990ع)، 'هي بمبئي آ پيارا' (ڪهاڻيون: 1993ع)، 'نگاهون' (شاعري: 1995ع)، 'مسڪراءِ' (شاعري: 2001ع) ۽ 'سنڌيت جي صدقي' (ڪهاڻيون: 2011ع) شامل آهن.

## ضياءَ محي الدين



مشهور اداڪار، ڊراما نويس، ڪالم نگار ۽ ڪمپيئر ضياءَ محي الدين 13 فيبروري 2023ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪئي. هُو 20 جون 1931ع تي فيصل آباد ۾ ڄائو. سندس تعلق علمي ادبي گهراڻي سان هو. ضياءَ محي الدين هڪ اداڪار ۽ صداڪار طور سموري دنيا ۾ پاڪستان جي سڃاڻپ هو. کيس پاڪستان جي پهرين فلم 'تيري ياد' جي مصنف ۽ مڪالمه نگار هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. ضياءَ محي الدين 1951ع ڌاري شاگرديءَ واري دؤر کان لکڻ جي شروعات ڪئي ۽ هڪ بهترين افسانا نگار طور پاڻ مڃايو. 1953ع ۾ هُو برطانيا هليو ويو. جتي لنڊن جي "رائل اڪيڊمي آف ڊراماٽڪ آرٽ" مان اداڪاريءَ جي باقاعدي ترتيب حاصل ڪئي. تربيت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اُتي ئي 'سينٽرل ٽيليويزن' سان وابسته ٿيو. 1970ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي

چوڻ تي پاڪستان لڏي آيو ۽ 1973ع ۾ پي. آئي. اي آرٽس اڪيڊميءَ جو ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. هن پي. ٽي. وي تان 'ضياءَ محي الدين شو' نالي پروگرام شروع ڪيو جنهن تي کيس تمام گهڻي مقبوليت حاصل ٿي. روزاني 'نيوز' ۾ هن ادبي ڪالم بہ لکيا. هن جو ڪتاب "A Carrot is a Carrot" مڪمل ادبي شهپارو آهي. هن 'ٿيٽرياٽ' نالي سان اسٽيج ڊرامي جي فن تي هڪ يادگار ڪتاب پڻ لکيو. کيس 'ستاره امتياز (2003ع) ۽ 'هلال امتياز (2012ع) ايوارڊ پڻ مليا. ضياءَ محي الدين پنهنجي خوبصورت آواز ۽ اثرائتي انداز ۾ شعر پڙهڻ سبب بہ مقبول هيو. هن غالب، فيض ۽ ٻين اردو شاعرن سان گڏ سنڌيءَ جي عظيم شاعر شيخ اياز کي پڻ خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو.

## شيام داس جوشي



مشهور تعليمدان ۽ مذهبي اسڪالر پروفيسر شيام داس جوشيءَ 10 مارچ 2023ع تي پرلوڪ پڌاريو. هن 10 مئي 1930ع تي مٺي شهر ۾ جنم ورتو. خانداني روايتن موجب هو پهرين پاٺشالا ۾ هندي ۽ سنسڪرت پڙهيو. ايل. ايل. بي ڪرڻ کانپوءِ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام مان زرعي معاش (Agricultural Economics) ۾ MS جي ڊگري حاصل ڪري زرعي يونيورسٽيءَ جو پروفيسر مقرر ٿيو. هن هندو مذهب تي انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾: 'سناتن ڌرم'، 'جنم اشٽمي'، 'شريمد ڀاڳوت پراڻ'، 'رام چرت مانس' (ٻہ ڀاڱا)، 'پشپ واٽڪا'، 'گوپي گيت'، 'پرشوتم يوگ'، 'هندو ڌرم'، 'پشڪرڻا برهمڻ'، 'انمول وچن'، 'سنڌ جي سوڍن راجپوتن جي اتهاس جي هڪ جهلڪ'، 'مها وگيان يوگ'، 'وناسپتي آهار'، 'ٻارن لاءِ هدايتون'، 'لڪشمي پوجن'، 'سولو گهريلو جيوتش'، 'مارڪس واد ۽ ڀڳوت گيتا'، 'وواهہ پڌتي'، 'نتيہ نئميتڪ ڪرم'، 'وئيو لڪشمي ورت'، 'هندوئن جا ورت ۽ تهوار'، 'نتيہ گايتري هون وڌي'، 'وچان ٿو وينجهار موتي ڏيئي اڻ ميا' ۽ 'منهنجي ڪهاڻي منهنجي زباني' قابل ذڪر آهن. جڏهن تہ سندس انگريزي ڪتابن ۾: 'A Glance over Pushkarna Brahmans of Dhat Thar' ۽ 'A Brief Scatch of Origin & Historical Background of Pushkarna' 'Shrimali Odichya, Sarswat and Bhojak Brahmans' شامل آهن.

## خادم عباسي



سنڌي صوفياڻي شاعريءَ جي محقق سچل سرمست، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ نانڪ يوسف تي تحقيق ڪندڙ استاد خادم عباسي پهرين اپريل 2023ع تي وفات ڪري ويو. سندس جنم 5 جنوري 1949ع تي ڳوٺ نانڪ يوسف تعلقي گمبٽ ۾ ٿيو. پيشي جي لحاظ کان پرائمر استاد هو. سندس اڪثر مقالا ۽ مضمون ٽماهي 'مهراڻ'، ماهوار 'نئين زندگي' ۽ 'سرمست' رسالن ۾ ڇپيا. سچل سرمست بابت سندس ڪتاب "عشق ڪيم اظهار" سنڌ جي ثقافت کاتي پاران ڇپايو ويو آهي.

## سيد شبير هاتف



ناميارو شاعر سيد شبير هاتف 5 فيبروري 2023ع تي وفات ڪئي. هُن 4 اپريل 1940ع ۾ ٽنڊي محمد خان ضلعي جي ڳوٺ ٽڪڙ ۾ جنم ورتو. شبر هاتف پيشي جي لحاظ کان جيالاجسٽ هو ملازمت دوران مختلف ملڪن ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. نيشنل بڪ فائونڊيشن اسلام آباد ۾ ڊائريڪٽر جي عهدي پڻ رهيو. مختلف عهدن تي فائز رهڻ سان گڏ بهترين شاعر پڻ هو. سنڌي ادبي بورڊ پاران سندس شاعري جو مجموعو 'نيڻن ۾ ڏياريون' ڇپايو ويو. سندس ٻيو شاعري مجموعو 'جهڙو پوپٽ پر' پڻ ڇپيل آهي. ان کان سواءِ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس شاعري ڇپبي رهي.

## لڇمڻ ڏُبي



سنڌي غزل ۽ دوهي جو مشهور شاعر لڇمڻ ڏُبي 12 اپريل 2023ع تي ممبئيءَ ۾ ديهانت ڪري ويو. سندس جنم 15 مارچ 1942ع تي، امرومل درياناڻيءَ جي گهر خيرپور ميرس ۾ ٿيو. لڇمڻ ڏُبي جديد سنڌي غزل جو نمائنده شاعر هيو. هن جي غزل ۾ نواڻ ۽ جديد زندگي ملي ٿي. هُن ڪيترائي ڪتاب لکيا، جن ۾

’انئي پھر اباڻڪو‘، ’گھر سڪي رھيو آھي‘، ’آڪاش جا ٽڪرا‘، ’ڪوئي گھر ۾ ڊونڊي گھر‘، ’لڪشمن ڪي غزلين‘ وغيره ڇپيل آھن. ادبي ڪمن جي مڃتا طور ڪيس سنڌي پنچائت ايوارڊ سميت ٻيا اعزاز پڻ مليا.

## ڪامران پٺي



سنڌي نيوز ريڊر، اسڪرپٽ رائٽر، ڊراما پروڊيوسر ڪامران پٺيءَ 28 اپريل 2023ع تي وفات ڪئي. ڪامران پٺي 15 ڊسمبر 1934ع تي واڊن جي پڙ حيدرآباد ۾ جنم ورتو. 1956ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان اسڪرپٽ رائٽر طور پنھنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪيائين. ريڊيو جي ملازمت دوران ھن ڪيترن ئي ڊرامن جا اسڪرپٽ لکيا. پاڻ سٺو ڪالم نويس بہ ھو. 2005ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ اخبارن جي مانيٽرنگ لاءِ مقرر ٿيو. اتي ئي ڪجھ عرصي لاءِ اسسٽنٽ سيڪريٽري ۽ پوءِ ڪجھ وقت لاءِ انچارج سيڪريٽري طور خدمتون پڻ انجام ڏنائين.

## سرور نواز ٻگھيو



شاعر ۽ ليکڪ سرور نواز ٻگھيي 18 اپريل 2023ع تي ڪوٽڙيءَ ۾ وفات ڪئي. ھن 15 جولائي 1948ع تي ڳوٺ ڏٽي بخش ٻگھيي، تعلقي خيرپور ناٿن شاھ، ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو. سرور نواز شاعريءَ کان سواءِ مختلف موضوعن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ’تو ئي ٻٽايو قلمڪار‘ (مضمون، 2020ع)، ’اڱر چنڊ پس پرين‘ (شاعري: 2019ع)، ’قلندر پاڪ جي سنڌيءَ ۾ شاعري‘ (منظوم ترجمو: 2021ع)، ’ڪارونجھر جا مور‘ (ٻارن جي شاعري)، ’عالم سڀ آباد ڪرين‘ (شاعري)، ’غزل جي دنيا‘ (شاعري) ۽ ’ذاڪر اھلبيت عليھم السلام قبلا مرزا شاھجھان بيگ‘ (سوانح) شامل آھن.

## سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي انتظاميا جو اھم فيصلو

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي پاران، زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جي وائيس چانسلر سان مختلف گڏجاڻين ۽ دفتري لکپڙھ ڪانپوءِ، زرعي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف ايڊوانس اسٽڊيز، اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ سينڊيڪيٽ پاران يونيورسٽيءَ جي ايم. ايس. سي، ايم. اِي، ايم. فل ۽ پي. ايچ. ڊيءَ جي تحقيقي مقالن جو ٽٽ، سنڌي ٻوليءَ ۾ لکڻ، لازمي قرار ڏنو ويو آھي.

اھڙو اظھار زرعي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف ايڊوانس اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عبدالمبين لوڌي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي لکيل ھڪ خط ذريعي ڪيو آھي.

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي اھڙي فيصلي تي خوشي ۽ اطمنان جو اظھار ڪيو آھي ۽ چيو آھي تہ دفترن ۽ تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واھپي جي ڏس ۾، سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي ھيءَ اڳيرائي، نہ رڳو ٻين ادارن لاءِ ھڪ مثال ثابت ٿيندي، پر سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري جي ڏس ۾ وڏي مددگار ثابت ٿيندي. ھن زرعي يونيورسٽي جي وائيس جي واکاڻ ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر مري پھرئين ڏينھن کان سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ھلندڙ ’سنڌي ٻولي جاڳرتا مھم جي ڏس ۾ بيحد مثبت موٽ پئي ڏني آھي. اسان کي اميد آھي تہ زرعي يونيورسٽي پاران ڊگريءَ تي سنڌيءَ ۾ عنوان لکڻ سان گڏ اداري جي مک گيٽ تي سنڌيءَ ۾ نالو لکرائڻ سميت اداري جي سمورن بورڊن تي سنڌي لکرائڻ جي ڏس ۾ پڻ اڳواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪندي.

***



# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپايل نوان ڪتاب
















ڇهہ ماهي تحقيقي جرنل 'سنڌي ٻولي' جو شمارو ڊسمبر 2022ع پڌرو ڪيو ويو آهي. هن شماري جي پهرئين ڀاڱي ۾ نامياري شاعر امداد حسينيءَ جي شاعريءَ جي لساني پهلوءَ تي 7 مختلف مقالا شايع ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ ٻئي ڀاڱي ۾ شامل مقالا هن ريت آهن: 'اسم سان حرفِ جر سبب 'ءَ' جي استعمال جو جائزو'؛ 'ٻہ-ٻوليائي سنڌي-اردو لغتن جو تجزياتي جائزو'؛ 'سنڌي ٻولي تحريڪ' جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻين جو جائزو'؛ 'سنڌي، ڍاٽڪي ۽ ٻين مقامي ۽ پاڙيسري ٻولين جو تقابلي اڀياس'؛ 'سُرن جي مؤجد ميين شاهہ عنات جي رسالي جي سُرَن جو تحقيقي اڀياس'؛ ۽ 'اعجاز شاهہ راشديءَ جي بيتن ۾ ٻولي ۽ گرامر جو اڀياس'؛ مقالا شامل آهن.




هي جرنل ويب سائيٽ /http://journal.sindhila.org تي آن لائن بہ پڙهي سگهجي ٿو.

رعايتي اگهہ تي ڪتاب گهرائڻ لاءِ رابطو ڪريو
قليچ ڪتاب گهر
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، نيشنل هاءِ وي حيدرآباد
022-9240053/0332-2694336



# ڏنڌي وار/هنر مند ماڻهن جون لُغتون ٺاهڻ جو حصو بڻجو

- سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌ جي قديم جاتين/قبيلن/ مخصوص ڌنڌن/هُنرن ۽ پيشن/شوقن ۽ خفتن سان لاڳاپيل ماڻهن جون لغتون ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جيئن ٻوليءَ جي وسعت، گهڻ رنگائي ۽ حُسناڪيءَ کي محفوظ ڪري سگهجي.
- ڌنڌي وار يا پيشي وار لغتن ۾ ان پيشي سان لاڳاپيل ماڻهن جي سماجي ۽ ثقافتي زندگيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ مخصوص لفظن، لغت، لهجي، اوزارن، ٺاهيل يا استعمال هيٺ شين/اوزارن، شين جي قسمن/نمونن، هڪ ئي شيءِ جي مختلف علائقن ۾ رائج جدا نالن، هڪ ئي شيءِ يا وکر جي مختلف حصن جي الڳ الڳ نالن سان گڏ لاڳاپيل ڌنڌي بابت اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون ۽ لوڪ گيت پڻ شامل ڪري سگهجن ٿا.
- اهڙن ڪجهه قديم پيشن سان لاڳاپيل ماڻهن ۾ ڊکڻ، موچي، ٺاٺارا، گهاٽي وارا، ڀرت ڀريندڙ، اجرڪ ۽ ٽوپيون ٺاهيندڙ، ڪاشيگر، ڪمانگر، لوهر/ڪاريا، واڻ ۽ مُڇ جو ڪم ڪندڙ، ڪنيار، ٻَني وارا، سونارا/زرگر، ناچو، راڳي ۽ سازندا، باغائي، جوڳي، رازا، چور ۽ پيري، راڏا، ڪٽي/رنگريز، ڌوٻي/سانٽي، مُهاڻا/ٻيڙياتا وغيره شامل آهن. جڏهن ته شوقينن ۾ شڪاري، ڏاندن، اٺن ۽ گهوڙن جي ڊوڙ ڪرائيندڙ، ڪوڪڙي، ڪبوترا، جُوئاري ۽ ملهَ وغيره شامل آهن.
- ٺهندڙ لغتون جيئن ته تصويري هونديون، تنهنڪري ذڪر هيٺ ايندڙ شين يا اوزارن جون معياري تصويرون پڻ ڏيڻيون پونديون.
- ان ڏس ۾ اسان سنڌي ٻوليءَ جي ڄاڻُن، ماهرن، عالمن ۽ استادن سميت سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ ايم.فل / پي ايڇ ڊي ڪندڙ شاگردن کي آڇ ڪريون ٿا ته اهي ڪنهن به قديم پيشي يا ڌنڌي سان لاڳاپيل ماڻهن جي لغت ٺاهي، سنڌي ٻوليءَ جي ناياب ۽ وساريل لفظن کي بچائڻ ۽ محفوظ ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائن.
- پنهنجو تحقيقي خاڪو (Proposal) هيٺ ڄاڻايل ڏس پتي ۽ اي ميل تي هڪ مهيني اندر موڪلڻ گهرجي.
- عام لغتن جي ڀيٽ ۾ ادارو ڄاڻايل لغتن جو بهتر کان بهتر معاوضو ادا ڪندو.


## سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

نيشنل هاءِ وي لڳ سنڌ ميوزيم قاسم آباد حيدرآباد

Email: contact@sindhila.edu.pk

(022) 9240050

